
سنڌو ديسُ مهانُ
شاعري
بخشل باغي

# سنڌو ديسُ مهَانُ

[شاعري]

## بخشل باغي

سپ پبليڪيشن، نوابشاهہ سنڌ

2011

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: سنڌو ديس مهَان

موضوع : شاعري

شاعر : بخشل باغي

ڇاپو پهريون : سترهين جنوري 2011ع

ٽائيٽل : آفتاب سُرهيو

لي آئوٽ : مور ساگر

ڪمپوزنگ : جهانزيب جوٽيجو

(ساحل پرنٽرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد. 03332634650)

ڇپائيندڙ : سپ پبليڪيشن نواب شاهہ سنڌ.

قيمت : 100/- روپيہ

**SINDHU DES MAHAN** (Poetry) written by: **Bakhshal Baghi** Published by: Sip Publication Nawabshah, Sindh, Pakistan Edition First, Junwari 2011.

# ارپنا

سنڌ جي سُورمن

- راجا ڏاهر
- دودي سومري
- دولهه دريا خان
- مخدوم بلاول
- شاهه عنايت

جي نالي

بخشل باغي

## سنڌو ديسُ مَهانَ

### شيخ اياز

سنڌو ديسُ مهَانُ, سنڌو ديسُ مهَانُ.
لاڙُ وِچولو اُتّر,
ڪَڇّ, ڪراچي بندر,
هيڏو سارو جَر ثَر.
ڪيڏو ڪوهستانُ!
سنڌو ديسُ مهَانُ.

جِيءُ جِيءُ اَن_داتا!
تنهنجا سَڏّ سُڃاتا,
آزاديءَ لئہ آتا.
توتي سڀ قُربانُ,
سنڌو ديسُ مهَانُ.

سَتّر لکّ سَپوتو!
هوشو همو ٻچو,
هر ڪو جهڙو دودو.
دُولهَہ دريا خانُ,
سنڌو ديسُ مهَانُ.

سَچّل, ساميءَ پارا,
ڪيئي جيءَ جيارا,
آڏيءَ رات اُمارا.
پٽّ ڏٺيءَ جو ڀانُ,
سنڌو ديسُ مهَانُ.

پيڙو آهِ پَنيرڪو,
جَرّ جَراٿو جَرڪو,
آجو ٿيندو هر ڪو.
هر مزدور ڪِسانُ,
سنڌو ديسُ مهَانُ.
سنڌو ديسُ مهَانُ.

---

1973ع_ وِڄون وَسڻ آئيون. صفحو نمبر_195

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (191) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سنڌو ديسُ مهانُ“** سنڌ جي خوبصورت شاعر **بخشل باغيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب **سِپ پبليڪيشن نواب شاهه** پاران 2011ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بخشل باغيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني. آريسر صاحب لکي ٿو حقيقت اِها آهي ته بخشل باغي جي پاجهاري ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري سنڌ ۾ هڪ نئين ڪائنات اڏيندي، جيڪا خوبصورت ۽ خوشي ڏيندڙ هوندي. اهڙي ڪائنات ناهڻ جا جذبا ۽ اُمنگون بخشل جي شاعريءَ ۾ موجود آهن.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ❖ اداري پاران | | 08 |
| ❖ ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري | عبدالواحد آريسر | 07 |
| ❖ سنڌ جي قومي ادب جو ستارو | خاڪي جويو | 08 |
| ❖ عشق جو آواز | ساگر حنيف ٻُرڙدي | 09 |
| ❖ وٺي هر هر جنم وربو | بخشل باغي | 13 |

- غزل 19
- وايون 47
- بيت 55
- نظم 69

# اداري پاران

بخشل باغي جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهڙو شاعر پانڌيئڙو آهي. جنهن پنهنجي زندگيءَ جا لڳ ڀڳ ٻاويهه سال شاعريءَ سان عشق واري سفر ۾ مڪمل ڪميٽمينٽ سان ڀرپور نموني گُذاريا آهن. هُو پرائمري تعليم پرائڻ واري دؤر کان وٺي شاعريءَ جي نازڪ، نفيس ۽ رنگين پوپٽن جي پُنيان پيرين اُگهاڙي ڪين پڪڙيندي، پڪڙيندي اڄ هتي اچي پُهتو آهي جتي زندگي گهٽڻ رُخن ۾ ورجهائجي مُنتشر ٿي وڃي ٿي. پر هُن جي زندگيءَ مُختلف حصن ۾ ورهائيجي وڃڻ جي باوجود بہ سندس روح ۾ خوابن، خيالن جا نفيس ۽ زخمي شاعرانا هٿ اُنهن پوپٽن کي پڪڙڻ جو ڀرپور ساهس رکن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو بخشل باغي هيل تائين ست شاعريءَ جا ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي جهول ۾ پيتا ڪري بہ مُطمئن نہ آهي. بلڪ بقول سندس تہ هُن پنهنجي اندر جي اظهارڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪندي ست ڪتاب تخليق ڪري وڌا آهن. بخشل باغي پنهنجي مزاج ۽ فطرت ۾ هڪ مڪمل قومپرست شاعر آهي. رومانس ۽ انقلاب هُن جي شاعريءَ جا بہ اهم پهلو آهن، بلڪ رومانس تہ هُت جي انقلابي خيالن، خوابن ۽ باغي روح مان سنڌ جي آواز جو پڙاڏو بڻجي سندس ذات مان گونجي رهيو آهي. جيڪا هُن جي تخليق جو هڪ حسين ۽ مضبوط امتزاج ۽ سرچشمو آهي. ۽ سائين جي - ايم سيد جو فڪر ۽ فلسفو هُن جي شاعراڻي شعور ۽ باشعوريءَ جو خلقيندڙ آهي. اِهوئي سبب آهي جو بخشل باغي قومي شاعريءَ جي پهرين ڪتاب ”سپنو سنڌو ديس جو“ کان پوءِ اڄ وري نئين ۽ تازي جوش ۽ جذبي سان ”سنڌو ديس مهان“ جي روپ ۾ رنگ ۾ سنڌ جي قومي شاعريءَ ۾ هڪ خوبصورت تخليقي اضافو ڪيو آهي.

بخشل باغي پنهنجي هِن نئين ڪتاب ”سنڌو ديس مهان“ جي شاعريءَ ۾ پنهنجي قومي شعور، فڪر ۽ فهم ۽ تاريخي ادارڪ جي حوالي سان ڏاڍو پڪو ۽ پُختو نظر اچي ٿو.

سِپ پبليڪيشن بخشل باغيءَ جي هن قومي شاعريءَ جي ڪتاب ”سنڌو ديس مَهانُ“ کي 17 جنوري 2011ع تي سن ۾ سائين جي - ايم سيد جي 107 جنم ڏڻ تي آڻي فخر ۽ سَرهائي محسوس ڪري رهي آهي.

**ستار سُندر**

**امداد رند**

# ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري

عربيءَ ۾ چيو ويندو آهي تہ شاعر خُدا جا شاگرد آهن. اُن جو مطلب اِهو ٿيو تہ شاعر نئين دُنيا جا ناهيندڙ فرد ٿيندا آهن. منهنجي سامهون هِن وقت نوجوان شاعر بخشل باغيءَ جي شاعريءَ جو ڪتاب "سنڌوديس مَهانُ" آهي، ۽ حقيقت اِها آهي تہ بخشل باغي جي ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري سنڌ ۾ هڪ نئين ڪائنات اڏيندي، جيڪا خوبصورت ۽ خوشي ڏيندڙ هوندي. اهڙي ڪائنات ٺاهڻ جا جذبا ۽ اُمنگون بخشل جي شاعريءَ ۾ موجود آهن.

هڪ ڪامياب شاعر لاءِ ٽي شيون مدِنظر رکڻيون پونديون آهن. هڪ "زمان"، يعني جنهن دور ۾ هو شاعري ڪري ٿو اُن دور جون حالتون ۽ ماڻهن جي خوشي ۽ غم ڪهڙي قسم جا آهن. اُنهن شين جي باغي جي شاعريءَ ۾ موجودگي آهي. ٻيو "مڪان"، يعني جنهن خطي ۽ علائقي ۾ هو شاعريءَ ڪري ٿو. اُنهن جي ڏُکن، دردن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل هجي، پر اُنهيءَ پيڙا واري دنيا مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ جيڪا جدوجهد هلي ٿي، اُن جو هُو پاڻ بہ حصو هُجي. اُنهيءَ معنيٰ ۾ بخشل باغي سنڌ جي نجات لاءِ هلندڙ جدوجهد لاءِ ڀرپور حصو وٺي رهيو آهي. اُن جو ثبوت سندس شاعريءَ جو مجموعو "سپنو سنڌو ديس جو"آهي، ٽيون، شاعر، تخليقڪار، سرجڻهار لاءِ پنهنجي تخليق جو ڪو نہ ڪو مقصد هُئڻ گهرجي. صرف تفريح ۽ ذهني آسودگيءَ شاعريءَ جا گهربل مقصد پُورا نہ ٿي ڪري سگهي. بنيادي طرح ادب، اهو نظم هجي يا نثر اُن جا ٽي مقصد هئڻ گهرجن. هڪ تفريح، ٻيو تعليم، ٽيون انقلاب، جنهن ادب ۾ انقلاب جي ڪوٺ هُجي تہ اهو ادب جي مڪمل وصف تي پورو نٿو لهي.

بخشل باغيءَ جي شاعري ۾ اِهي ٽئي شيون موجود آهي. اُن ڪري بخشل باغي جي شاعريءَ تي اعتماد ۽ پيار ٿئي وڃن ٿا.

**عبدالواحد آريسر**

اربع، 15 ڊسمبر 2010ع

# سنڌ جي قومي ادب جو ستارو

* نوجوان شاعر بخشل باغي 88ع کان شاعري ڪري پيو ۽ انهن 14 سالن جي دوران هو جنهن شاعريءَ جي آسمان تي وهائو تاري جيان چمڪي رهيو آهي، انهيءَ تاري مان چنڊ ۽ چنڊ مان سج بنجڻ ۾ مان پانيان ٿو تہ هن کي ڪا گهڻي دير نہ لڳندي. ڇاڪاڻ تہ هن جي شاعري جو مناج، ان جي رواني، ان جي سونهن هن وقت بہ نکري نروار ٿي چڪي آهي ۽ سنڌي ادب جي خوبصورت ڪيتر ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪي آهي. جڏهن بہ ڪو قومي سماج جديد شهري تهذيب ڏانهن وک وڌائيندو آهي تہ ان سماج جي جديد شعور جون روشنيون ان جي قومي لکڻين تي ڏيئن جيان ٻرڻ لڳنديون آهن ۽ انهن ڏيئن ۾ ڪيترين ئي ادب، فن ۽ شاعريءَ جون لاٽون پنهنجي سماج، قوم ۽ ثقافت جي سونهن ۽ سوڀيان کي جرڪائڻ لڳنديون آهن جنهن ۾ اهي اديب ۽ شاعر جڳ مڳائيندا آهن. بخشل باغي سنڌ جي قومي ادب ۽ فن جو هڪ اهڙو ئي خوبصورت ۽ من موهيندڙ ستارو آهي، جيڪو اسان جي پنهنجي قومي ادب ۽ فن کي روشني ڏئي ۽ بخشي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هن جي شاعري اڃا وڌيڪ جدت بنجي جرڪندي ۽ مهڪندي رهندي.

**خاڪي جويو**

8 مارچ ـ2002ع

حيدرآباد

# عشق جو آواز ـ باغي شاعر

اڳڻ تازِي، ٻاهر ڪُنڌيون، پکا پَٽِ سونهن،
سُرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين - هئن برابر ڏينهڙا.
(شاهه)

مرشد لطيف جي هن بيت ۾ سماجي ثِقافتي ۽ رومانوي تمنائن جي عڪاسي ٿيل آهي. يٿائي متوجهه ٿو ڪرائي ته خوبصورت گهر هجي، گهر جي اڳڻ تي جهجو کير مکڻ ڏيندڙ نج سنڌي نسل جون ڪُنڌيون مينهون ٻيٺل هجن ۽ ان جي پرسان اعليٰ نسل ۽ تيز رفتار وارا تازِي گهوڙا موجود هجن. مطلب ته اَجهي جو اونو نه هجي. ڪائڻ پيئڻ جي به پريشاني نه هجي ۽ سير سفر لاءِ سواريءَ جو مسئلو به حل هجي، ته پوءِ خوشبودار سيج تي، من گهرئي محبوب سان ڪچهري ۽ رهاڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي.

بخشل باغي جي شاعريءَ لاءِ مختصر ۽ جامع راءِ ڏجي ته مرشد لطيف جو مٿيون هڪ ئي بيت ڪافي آهي. بخشل جي سموري شاعري، يٿائيءَ جي ان بيت جي مفهوم کان ٻاهر ڪونهي.

انساني زندگي ادب ۽ فن جو پاڻ ۾ گهرو رابطو آهي. ادب ۽ فن جو بنياد ئي ان مواد تي هوندو آهي جنهن جو واسطو زندگيءَ سان هوندو آهي. ۽ انساني زندگي وري سماجي، سياسي، معاشي، ثقافتي، اخلاقي ۽ رومانوي ۽ ٻين اهڙن عملن سان لاڳو آهي. اديب ۽ شاعر جي شعور ۽ خيال جي اونچائي ۽ گهرائي جو اندازو به ان جي انساني زندگيءَ بابت فڪر ۽ فلسفي مان لڳائي سگهجي ٿو. وڏي شاعر لاءِ گهڻو پڙهڻ، گهڻو لکڻ ۽ گهڻو چيچڻ شرط ناهي، وڏو شاعر ته پنهنجي تخليق ۾ موجود ان فڪر جي ڪري ٿي سگهندو. جيڪو فڪر تاريخ ۽ فطرت جي موافق هوندو.

شهيد ۽ باشعور شاعر پنهنجي دوُر جا مؤرخ به هوندا آهن. شهيد جو رت ۽ با شعور شاعر جي تخليق، پنهنجي وطن ۽ عظيم مقصد جي حفاظت جا هردم چوڪس رهندڙ مورچا هوندا آهن. شاعريءَ جي دنيا ته تمام وسيع

آهي، ڇو تہ شاعري جا سڀ موضوع، عوام جي اڪثريت قابل فهم ۽ قابل عمل هوندا آهن. شاعر جيترو وڌيڪ با شعور هوندو، ان جي تخليق، سچ، سونهن ۽ آزاديءَ جو تعارف اوتروئي سولو ۽ آسان ڪرائيندي. هڪ جرمن فلاسافر شوپنهار جو قول آهي تہ "شاعر ٿيڻ، فلاسافر ٿيڻ کان هزار ڀيرا خوشقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي"

جنهن شاعر جي شاعري، شعور، مطالعي ۽ مشاهدي جي بنياد تي رچيل ۽ رسيل هوندي، ان جي اهميت ۽ عُمر اوتري ئي وڌيڪ هوندي. ادب ۽ فن، فرد کان اجتماعيت تائين، انساني زندگيءَ جي سموري حقيقت جي عڪاسيءَ جو نالو آهي. ادب ۽ فن ئي اُهو هٿيار آهي جيڪو سماجي سک، سلامتي ۽ آزادي جي نہ رڳو اهميت واضع ڪندو آهي، پر ان جي منڪر قوتن خلاف جنگ بہ جوتائيندو آهي.

پيٽ جي بک ۽ جنسي بک تمام وڏا موضوع آهي. جنسي قوت هڪ تخليقي امنگ آهي، جنسي قوت کانسواءِ تخليقي تحرڪ ۽ سرجڻهار سرگرمي ڪيئن ٿي پيدا ٿي سگهي. پر اها ڳالهہ سمجھڻ گهرجي تہ جنسي اڻ برابري هجي يا جنسي ڇڙواڳي، اهي سماجي ۽ معاشي اڻ برابري ۽ ڇڙواڳي جو نتيجو آهن. هيءَ ايڪيوشن بہ ياد رکڻ گهرجي تہ خوشي، خوشحاليءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ خوشحالي ۽ خوشي وري آزاديءَ سان مشروط آهن. ان لاءِ آءٌ وري شروع ۾ ڏنل پتائي جو "اڱڻ تازِي، ٻاهر ڪُنڊيون" وارو بيت دهرائيندس.

سڀ ڳالهہ شاعر جي ميچوئر هجڻ جي آهي. عشق ۽ عقل جي جهيڙي کان پاسيرو ٿي صرف اِهو ٿو چوان تہ عشق، عقل جي انتها يا ميچوئرٽي جو نالو آهي ڪي ماڻهو طبعي زندگيءَ ۾ سئو سالن جا ٿي ويندا آهن پر عقلي طور ٻار هوندا آهن. عقل جي ترقي، عُمر جي واڌاري سان مشروط ناهي، عقل جي تڪڙي ترقيءَ جا محرڪ ۽ سبب پنهنجا آهن. عقل جيئن ارتقائي مرحلا طئہ ڪندو، عشق ان جي استقبال لاءِ ٻانهون کوليندو ويندو. جيئن طبعي عُمر جي اضافي جو نالو ٻڍاپ تي پوندو آهي اهڙي طرح عقل بہ ترقي ڪري هڪ اهڙي مرحلي تي پهچندو آهي جو عقل متجي عشق ٿي پوندو آهي. صرف هڪ ليڪ جو فرق هوندو آهي، ليڪ جي هڪ پاسي

عاقل هوندا، تہ بہ پر عاشق هوندا آهن. عاقل عاشق هجي اِهو ضروري ڪونهي پر هر عاشق عاقل ضرور هوندو آهي. سڀ ڪجهہ ساڳيو هوندو آهي، رڳو لڪير ڪراس ڪندڙ عاشقن وٽ انهن شين جا مطلب ۽ معنائون تبديل ٿي ويندا آهن. سور، درد، پيڙائون ۽ مصيبتون عقل وارن لاءِ پريشانيءَ جو سبب هونديون آهن جڏهن تہ مرشد لطيف ڀٽائي ٿو تہ:

سور جنين سريو، سري تن صحت،
مِني مصيبت، آهي عاشقن کي.

عقل وارا قاسي گهاٽ ڏي ويندڙ رستي کان ان ڪري ڇرڪندا آهن جو هو مرڻ نہ چاهندا آهن ۽ عاشق اجل جي سامهون اونچي ڳاٽ انڪري ايندا آهن جو هو سدائين زندهہ رهڻ چاهيندا آهن.

موت کي چند ماڻهو ٿا محسوس ڪن،
ورنہ اڪثر مري ٿا وڃن بي خبر.(باغي)

شاعرن ۾ بہ اهوئي فرق آهي. هڪڙا شاعر عقل جي اُٺ تي سوار هوندا آهن تہ ٻيا وري واديءَ عشق ۾ سير سفر ڪندا آهن.

بخشل باغي عاشق شاعر آهي، اِهوئي سبب آهي جو فڪري حوالي سان بہ صحت مند آهي تہ فني حوالي سان بہ خوبصورت آهي. هن جي فن جي ياري تاريخ ۽ فطرت موافق فڪر سان آهي. بخشل باغيءَ جي شاعريءَ طبع جي تفريح ۽ ذهني عياشي لاءِ ناهي، هن جي شاعريءَ ۾ وطن، قوم، ٻولي، ثقافت، ريتن، رسمن ۽ عشق جا انيڪ رنگ آهن. هُن وٽ سنڌ ائين ناهي جيئن اڄ آهي، هو تہ سنڌ کي تاريخ جي عينڪ سان ڏسندو آهي هن جي نظر سنڌ جي ماضي تي بہ آهي، حال جي ڪمزورين، خامين کان بہ واقف آهي انڪري هن جي شاعريءَ کي سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ خيال ۽ تجويزون سمجهڻ گهرجي. نہ رڳو ايترو پر سنڌ جي آزادي ۽ ترقي ۾ جيڪي بہ رڪاوٽون آهن، اُهي مذهبي هجن، نام نهاد فڪر فلسفي يا ملڪ جي صورت ۾ هجن، بخشل باغي انهي خلاف بغاوت جو عَلم بلند ٿو ڪري. سندس هڪ ڪتاب ”سپنو سنڌو ديس جو“ جي نالي مان ئي سندس خيالن ۽ خوابن جوا اندازو ڪري سگهجي ٿو. بخشل باغي، سنڌو ديش جي آزاديءَ کي بہ تمام وڏي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ وٺي ٿو.

جي ڏسڻ چاهين ”باغي“ آزادي،

قيد سيئي پکي، اڏاري ڏس.

بخشل سنڌ جي شهيدن ۽ سرواڻن کان بہ واقف آهي. شاهہ لطيف سائين جيِ ايم سيد ۽ شيخ اياز کان تہ ڪڏهن الڳ نہ ٿيو آهي.

هڪ جاءِ تي چوي ٿو تہ:

جنميو سنڌ لطيف ۽ سيد جهڙو سچ،
ٻنهي ٻاريو مچ، سجاڳيءَ جو سنڌ ۾.

شيخ اياز سان ڪيس ايتري تہ محبت آهي جو اياز جي سمورن ڪتابن جا نالا، جيڪي اياز وري لطيف سائين جي بيتن کان ڪنيا آهن. بخشل انهن سمورن ڪتابن جا نالا، هڪ وائي ۾ آندا آهن.

چنڊ چنبيليءَ ول،
واتون ڦُلن ڇاڻيون.

باغي، شيخ اياز لاءِ هڪ بيت ۾ چئي ٿو تہ،

تنهنجو مرشد پٽ ڌڻي، منهنجو مرشد تون،
ڇاڻون ٻنهي جون، رهنديون منهنجي ذات تي.

بخشل اقتصادي حوالي سان پلي امير نہ هجي پر اها حقيقت آهي تہ هو درد جي دولت سان مالا مال آهي. هن وٽ ڏک بہ خوشبودار هوندا آهن.

درد گل جيئن ٽڙي پيا آهن.
زندگيءَ جي اداس ٽاري تي.

دردن بخشل کي بغاوت جو رستو ڏيکاريو آهي ۽ موت ۾ وري بخشل بغاوت جي ان اڙانگي رستي تي محبتن جا گُل پوکيا آهن.

مجموعي طور بخشل باغيءَ جي شاعريءَ ڪنهن سُهڻي جي سندرتا، ڪنهن زاهد جي عبادت ۽ ساگر جي گهرائي محسوس ٿيندي آهي. هاڻ ۽ سندس تازي قومي شاعريءَ جي ڪتاب ”سنڌو ديس مهان“ جي اچڻ تي سرهائي محسوس ڪندي ڪيس دل جي گهرائين سان ڀليڪار ڪيون ٿا.

**ساگر حنيف ٻڙدي**

23 ڊسمبر۔ 2010ع

# وڻي هر هر جنم ورڻو

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اِن ڳالهه کي شدت سان پئي محسوس ڪيو آهي تہ ڌرتيءَ سان عشق جو جذبو دنيا جي ٻين مڙني رنگن ۾ حُساڪين کان تمام اُتم ۽ سگهارو ٿئي ٿو. مون فطرت جي رنگين کان وٺي انساني سونهن تائين جي سحر ۾ رهي ڪري بہ اهڙو اُجرو فخر لائق احساس، جذبو ڪين پاتو آهي. جيڪو مون هميشه سنڌ سان عشق واري احساس ۾ پاتو آهي. ڇاڪاڻ جو انساني حُسن ۽ فطرت جون اَنيڪ رنگارنگيون پنهنجي جاءِ تي پر ڌرتيءَ جي دين جو رشتو لازوال ۽ اَمر ٿئي ٿو. حالانڪ انساني سونهن جنهن سان اُنس وارو احساس جڏهن پنهنجي عروج تي پهچي اگر سچڻ مان ساٿيهه جي سچائي جي وسعت نٿو ماڻي تہ پوءِ اهو جذبو جوالا ٻڻجي ڪڏهن بہ دوام حاصل نٿو ڪري سگهي.

فاني حُسن جي دلربائي پنهنجي جاءِ تي پر لافاني ڌرتيءَ جي حُسن ۽ حقيقت جي سچائي ڪڏهن بہ لڪي نہ ٿي سگهي اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڀٽائي، سائين جي ـ ايم سيد، شيخ اياز وغيره پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ، فڪر ۽ فلسفي کي دوامي بنائڻ لاءِ پنهنجي مزاجي مُحبتن کي حقيقت ڏانهن مُنتقل ڪيو ۽ هو سچڻ کي ساٿيهہ جي روپ ۾ پسيندا امر ٿي ويا. ان امرتا جي امرت کي محسوس ڪرڻ يا پائڻ لاءِ حقيقت جي واٽ وٺڻ لازمي شرط آهي.اُها حقيقت جي واٽ صرف ۽ صرف ڌرتيءَ جي سيني مان ئي ڦُٽي نروار ٿئي ٿي. اهڙي واٽ جنهن تي غُلامي جو غلاف حرام آهي. جنهن تي لا تعلقي اڻ ڄاڻائي، انفرادي آزاديءَ جو تصور، غداري، ڪانئرتا جهڙا خيال ڪامي پيجري سڙي رک ٿي ويندا آهن. جنهن تي وفاداري، سچائي، اجتماعي آزاديءَ، قومي عشق ۽ حُسن جا پَڪا پختا قدم ئي مَحو سفر رهي سگهن ٿا. اِن شعور جون لاٽون ڀٽائيءَ جي جلايل لاٽ مان اجوڪي سنڌ تائين پهچائڻ ۾ مرد مُجاهد، اڄ جي سنڌ جو سچو ڪرو مهندار، سنڌ جي نئين تاريخ جو ٻي مثال سورمو سائين جي ـ ايم سيد ئي آهي. جنهن ڀٽائي جهڙي اعليٰ شاهڪار ۽ امر شاعر جي شاعري کي وسيع معنوي ڪئينواس

ڏئي،ماڻهن جي جوڙيل مخصوص ۽ محدود حدُن مان اُن کي ڪڍي پنهنجي اصل منصب واري مقام تي پهچائي پٽائي کي قومي شاعر طور شناسا ڪرائي سندس ذات جي اُجرن موتين کي ڌرتيءَ جي جهولي ۾ سوغات طور پري ڇڏيو. سهڻي، سسئيءَ، ماروي وغيره کي جديد سنڌ جي آزادي جي ارڏن ڪردارن ۽ جدوجهد جي علامت بڻائي سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شريڪ ڪري ڇڏيو. سنڌ کي پنهنجي اصل سُڃاڻپ ڏئي هِن سنڌ، سنڌي قوم کي عالمي اصولن تحت دنيا ۾ پرپور نموني سان جيئڻ جو فطري سبب جوڙي ڏنو.

اهوئي ڪارڻ آهي جو مون جهڙو هڪ ننڍڙو ماڻهو به سيد جي فڪر ۽ فلسفي جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ديس کي ڏسي ٿو. ۽ اُن شعور تي فخر ڪندي شاعريءَ جي جوت ڌرتيءَ جي بدصورت اونداهي حالتن ۾ روشن رکڻ جو ساهس رکي ٿو. اِها ڳالهه مون لاءِ وڏو ڳرو رکي ٿي ته مان پٽائي، شاهه عنايت، مخدوم بلاول، هوش محمد شيدي، دودي سومري، راجا ڏاهر، ۽ سائين جي ـ ايم سيد واري راهه جو پانڌيئڙو آهيان. مون لاءِ ڌرتيءَ ۽ قومي شناسيءَ جو ڏيِ ايترو ته پرپور آهي جو مان حالتن جي اجوڪي پيچده هٽ ٺوڪي، ۽ حد ڪان وڌيڪ پيانڪ، هن رياستي وايو منڊل ۾ وڏي اُتساهه سان سڄي قوم سميت مهاڏو اٽڪايان پيو. نه ته دنياوي حُسن ۽ عشق ئي مون جهڙي حساس ماڻهو کي ڪڏوڪو رُولي ڪنهن اوجهڙ ۾ اُڇلي ڇڏين ها. اُن ڪري به حُسن ۽عشق جي افاديت ڪان مُنهن نه مٽيندي اهو به هڪ اعتراف ڪرڻ بهتر آهي. ته حُسن ۽ عشق جي اِن جذبي تي هميشه ڌرتيءَ سان دم نڀائڻ وارو گهرو احساس حاوي رهندو ئي آيو آهي. توڙي جو مان پنهنجي شاعريءَ ۾ پڙهندڙن کي هڪ رمانوي، حسن پرست، ۽ حساس دل شاعر ته لڳان ٿو پر انهن مڙني جذبن جو بنياد سچ ته هي سنڌ جي ڌرتي آهي. جنهن جي انساني سونهن توڙي فطري سونهن مان ئي ديس جي دلبري جنم وٺي منهنجي ساهن ۽ دل جي ڌڙڪن سان گڏوگڏ هلندي منهنجو جياپو بڻجي پئي آهي. اهوئي سبب آهي جو منهنجا جيڪي به شاعريءَ جا ڪتاب ڇپيا آهن. سچ ته اُنهن جي ڇپجڻ جي خوشي ته ضرور ٿيندي

آهي. پر جيڪا خوشي مون کي پنهنجي قومي شاعريءَ جي ڪتاب ”سپنو سنڌو ديس جو“ جي ڇپجڻ تي ٿي هئي اوتري ئي مون کي پنهنجي اولاد، مِلي، مُونسِ ۽ سِپ جي جنم تي ٿي هئي. ۽ وري اڄ جڏهن پنهنجي نئين قومي شاعري جي ڪتاب ”سنڌو ديس مهان“ لاءِ ٿي رهي آهي اُن جو تہ اظهار ڪرڻ منهنجي وس ۾ ئي ناهي، منهنجي دلي خواهش آهي تہ مون کي سنڌ جي قومي شاعر طور سُڃاتو وڃي. منهنجي لاءِ اهو ئي وڏي ۾ وڏو ڏرتيءَ جو اعزاز آهي.

”سپنو سنڌو ديس جو“ جي مهورت تہ مون سَن ۾ سائينءَ جي سالگره تي سائين عبدالواحد آريسر صاحب کان ڪرائي هئي. اُهو ئي سائين آريسر صاحب جنهن سان مان شايد 90،89ع ۾ نواب شاهہ ۾ مليو هئس. اُن وقت مان اڃان ننڍو هئس پر ڪچي ڦڪي سنڌي شاعريءَ بہ ڪندو هئس اُن ملاقات واري تصوير اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهي. مون اُتي آريسر صاحب کي پنهنجي ڪچي ڦڪي شاعريءَ مان ڪجھ شاعري ٻُڌائي هئي، جنهن مان هڪ شعر مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ:

متان سنڌڙيءَ تي اک کڻي، تون دشمن آن اسان جو

اِها پُل آ توکي سنڌڙيءَ تي سِر قربان آ اسان جو. (باغي)

۽ آريسر صاحب مون کي اُتساهيندي شاعريءَ جي اُستادي لاءِ سائين راشد مورائي سان ملائڻ لاءِ چيو هو. پر پوءِ راشد سائين سان مان ڪو نہ ملي سگهيو هوس. توڙي جو سرمد سنڌيءَ جي آواز ۾ مان سائين راشد مورائي جي شاعريءَ وسيلي ساڻس اڳ ۾ ئي ملي چُڪو هئس. ۽ پٺائي، اياز حليم باغي، راشد مورائي، سرڪش سنڌي، عبدالڪريم گدائي، محمد خان مجيدي، ابراهيم مُنشي، زاهد شيخ، عبدالحڪيم ارشد، جمن دربدر تاج جويي وغيره جي شاعري وڏي شوق ۽ غور سان ٻُڌندو هئس. سائين ارشد تہ شايد انين درجي ۾ اسان جو ڪلاس جو پيرڊ بہ وٺندو هو. ۽ ساڻس پنهنجائپ ۽ شناسائي هئي. ائين عشق، حُسن جي سحر ۾ منڊجڻ واري وهيءَ ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طور، يا طريقي سان منهنجي روح جي ديس سان تند جُڙيل هئي. جيڪا هاڻ وڏي هڪ اهڙي جڙ ٻڻجي پئي آهي.

جنهن جي نڪرڻ سان مان ختم ٿي ٿي ويندس.

”سنڌو ديس مهان“ ۾ ڏنل شاعري کي ڪتابي صورت ۾ سهيڙيندي مون کي ائين پئي پاسيو ڄڻ مان پنهنجي وڪريل وجود کي وري هڪ ڀيرو ڀيهر ڀرپور سگهه سان سهيڙيندو هُجان، ڄڻ پنهنجي تڪميل جي سفر تي هُجان ڇاڪاڻ جو عالمي امن، تازو آيل سنڌ ۾ هٿ رادو ٻوڏ، اجرڪ، ٽوپيءَ جو ڏهاڙو درياهه جو سوڪهڙو سيد جي فڪر ۽ نظريي سان اُنس پنهنجي ديس ۾ خانه بدوشيءَ جو احساس ۽ ڌرتيءَ جا ٻيا انيڪ مسئلا منهنجي شاعراڻي ذات جي فطري سگهه پئي رهيا آهن.

دنيا جو انقلابي ادب پڙهڻ ۽ پنهنجي ديس جي غلامي وارين حالتن مان گُذرندي هڪ شاعر هئڻ جي ناتي منهنجو ايمان ٿي چُڪو آهي. ته اديب کي پنهنجي سماجي نا هموارين وارين حالتن ۾ قلمي ۽ عملي طورتي سچائي ۽ ڀرپور نموني سان قومي آزادي جي هلچل ۾ گڏ گڏ هلڻ گهرجي انقلاب، خواهشن ۽ خوابن کان ماوارا هڪ اهڙي حقيقت جو عمل آهي. جنهن ۾ ارادن جي اڏولتا، حوصلن جي قوت، ۽ مُسلسل طويل پيرين پنڌ جي ضرورت هوندي آهي. اُن کان اعلاوه پٽائي، اياز ۽ سائين جي ـ ايم سيد جي فڪر ۽ ذات جي روشني ۾ به هي سنڌي قوم انفرادي آزادي، جي نشي ۾ ڌُت آهي جو هُو قومي قافلي ۾ عملي جدوجهد کان ونءُ ٿي وڃي. جڏهن ته وفاق پرست سياست جي پويان لڳي ٽڪي جي ذاتي مُفادن تي قربان ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجن جي مخبري ڪندي ڪنهن شاعر جي شعر جي عڪاسي تي ڪري ته:

> مون ڀَڪ سُڄاتا پنهنجا ها ڪلهه ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾،
> ٿي وات ڏسيائون ويرين کي ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.
> (ابراهيم مُنشي)

پر اها صورتحال سموري سنڌي قوم لاءِ به وقف نٿي ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ جو ”اجا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي“ جي مصداق اهڙا حق ۽ سچ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪاپڙي به آهن جن کي به ڪن شاعرن پنهنجو اُتساهه بخشيندڙ ڪردار سمجهي ائين به چيو ته:

او مور سنڌي، شهزور سنڌي، وک چور تہ مان قربان ٿيان.
هر رهزن جو سنڌ دشمن جو ڪنڌ ڪور تہ مان قربان ٿيان.
(تاج جويو)

يا:

وٺي هر هر جنم وربو مٺا مهراڻ ۾ ملبو.
ختم اُونداهہ ٿي ويندي چٽيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو.
(جمن دربدر)

ٻئائي ۽ اياز کان پوءِ سائين جي ايم سيد جي عملي جدوجهد ۾ اهڙا شاعر بہ آهن جن وٽ اُميد ۽ اٽل ارادي واريون ڀرپور خوبيون سندن ذات مان جلووا افروز ٿينديون رهيون آهن. اُن ساڳي ڪتاب ”سپنو سنڌو ديس جو“ جي مهورت منهنجي نظرياتي دوست مسعود خاصخيلي پنهنجي ذاتي دلچسپيءَ جي آڌار تي جسقم دوڙ شهر ۾ رچائي هئي. جنهن جي صدارت بشير خان قريشي ڪئي هئي ۽ مهمانِ خاص خاڪي جويو هو. اُن پروگرام ۾ هڪ تہ منهنجا ادبي دوست شريڪ نہ ٿيا هئا. پر جيڪي دوست آيا بہ هئا. تہ اُنهن اسٽيج تي تقرير کان معذرت ڪئي. ۽ پوءِ،پوءِ ۾ دل جي حقيقت ڪيائون تہ يار اسان اڃان تہ رٽائر ٿي پينشن بہ نہ کنئين آهي، پروگرام ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ دوستن مون کي پاڻ سان ٿيندڙ اُن پروگرام کان بہ روڪيو پئي. ۽ چيائون پئي تہ گهر جو وڏو آهين. رُلي ويندين پر مون کين چيو تہ اگر اهڙو وقت آيو بہ تہ اُن کي مُنهن ڏبو.

سائين جي ايم سيد جي فڪر، فلسفي ۽ نظريي جا اثر سنڌ جي سڄي ڪلچر تي، چٽا پٽا نظر اچن ٿا.اُهو سائين ئي هو جنهن پنهنجي نظر بنديءَ دوران ٻٽيءَ يا ڏيئي جي جهيڻي روشني ۾ اهڙا تہ عظيم ڪتاب تحرير ڪيا جو اُنهن جي سُرهاڻ سموري سنڌ جي ذهنن کي پنهنجي خوشبو سان واسي ڇڏيو آهي. ٻي پاسي جڏهن سائين عملي جدوجهد ۾ ٻاهر پئي لٿو تہ سڄي سنڌ ۾ ٿرٿلو پئي پئجي ويو ۽ حڪمرانن جا حواس ئي خطا ٿي ٿي ويا. اهڙي عظيم شخص سنڌي قوم کي پنهنجا سورما، پنهنجو ڪلچر، پنهنجي تاريخ، ٻولي، ڀٽائي جهڙو آفاقي ۽ عالمي شاعر

ڳولي بلڪ اڄ جي سنڌ کي ”ديوار سنڌو“ يعني ”سنڌ ڳالهائي ٿي“ جهڙو شاهڪار ڪتاب ڏنو جيڪو سنڌ جو هڪ ڀرپور مقدمو آهي. جنهن ”ديارِ دل داستان محبت“ جهڙو لازوال ۽ سنڌي ادب کي ڪلاسيڪل ڪتاب ڏنو.جنهن ۾ عشق ۽ مُحبت، حُسن ۽وفا جهڙن اهم موضوعن کي پنهنجي نظريي جي رنگينن ذريعي مُنفرد رنگ ڏئي پيش ڪري سنڌ جي سونهن ۽ سيپيتا کي واضع ڪيو آهي. سياست، فلسفي، ادب، تاريخ، تمدن، مذهب، سماجيات وغيره تي سائين جيڪي پنهنجي شعور جا واهڙ وهايا آهن. اُهي سنڌ جي نصيب جو هڪ اهڙو تہ سٽائو ساءُ آهن جن کان سواءِ اڄ جي سنڌ غلاميءَ جي ڪرب ناڪ احساس کان ڪڏهن بہ سُڄاڻ نہ ٿي سگهي ها. اڄ جڏهن سنڌ ۾ سنڌين جا ڏهاڙا ملهائجي رهيا آهن تہ اها پوڪ بہ سائين جي ايم سيد جي پوکيل آهي. اڄ جي ڪوبہ سنڌ جي ڳالھ ڪري ٿو تہ اُهو بہ سيد جي سوچ جو مُثبت نتيجو آهي.

سائين جي ايم سيد سنڌ جي تصور کي پنهنجي نظريي سان مڪمل ڪري هڪ اهڙي امرتا جو مقام ڏنو آهي. جيڪو سنڌ جي آزادي تائين سنڌي قوم کي فنا نہ ٿيڻ ڏيندو. اها سنڌي قوم جي خوش نصيبي ۽ هِن رياست جي حڪمرانن جي بد نصيبي آهي جو سنڌ کي سائين جي ايم سيد جهڙو محافظ پُٽ مليو جنهن پنهنجي سوچ ۽ ويچار، عملي ڪارڪردگي ، ۽ ڪردار جي پاڪائي سان قوم کي هڪ اهڙي تہ قوت عطا ڪئي آهي. جيڪا دشمن کي گوڏا کوڙائڻ جي همت رکي ٿي. بس رڳو اُن طاقت کي يڪجاءِ ٿيڻ جي ضرورت آهي. ۽ اُهو وقت پري ناهي جو سڄي سنڌ سائين جي ٻاريل عشق جي مچ تي پنهنجي ٻي حصي جا سرد هٿ، وفا جي گرمائش سان گرم ڪري هڪ انساني زنجير جي صورت اختيار ڪندي ۽ اتحاد جي آواز سان هم ڪورس ٿي آزادي جا گيت ڳائيندي منزل طرف وڌندي.

**بخشل باغي**

اڱارو 21 ڊسمبر 2010ع
Cell: 03003217411

▣

# غزل

سال نئون يا ڪي پُراڻو ديس سارو دربدر،
بُک، بيمارين ۾ ساڻو ديس سارو دربدر.

ذات جي عينڪ اکين تان، ٿورڙي لاهي ڏسو
درد، ڌرتيءَ جو سُڃاڻو ديس سارو دربدر.

اي مسافر! چا ڏئي توکي،پتو رولاڪ هي،
ڪينَ ڏٺين جو نڪاڻو ديس سارو دربدر.

هُو جو سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي ويهي واهر هو ڪندو،
سو پکي ٻيي ويو اُڏاڻو ديس سارو دربدر.

رت تنهنجي ۾ نه شايد،آَن ڌرتيءَ جو هُيو
تو ملهايو ڪينَ داڻو ديس سارو دربدر.

سُڃ سنڌوءَ جا ڏسي هاءِ! ڪنارا روهه جيان،
لُڙڪ پيو لاڙي مهاڻو ديس سارو دربدر.

ڪهڙي آزادي ملهايو پيا جشن جي روپ ۾،
قيد آهيو اي اياڻو! ديس سارو دربدر.

پيڙهجي ٿي روز غُربت، روز ٿا هَڏَ چُور ٿين،
حالتن جو تيز گهاڻو ديس سارو دربدر.

پٽڻ تي پُور هوندو هو.
دريا پرپُور هوندو هو.

سنڌؤ جي ويڪري ڇاتي،
ڪنارو ڏُور هوندو هو.

پکين پوليو پئي پيلن مان،
ڪنڌيءَ تي جُهور هوندو هو.

ڏنائين حوصلا هرپل،
توڙي جو ڇُور هوندو هو.

ٽڏيري ڇانوَ هو نِم جي،
وٽن جو پُور هوندو هو.

سُجاڳيءَ جي علامت هو
وطن لئہ نُور هوندو هو.

ڪنيائين تُهمتون سِر تي،
ميان! منصُور هوندو هو.

مرڻ، جيئڻ آ، ڏرتيءَ سان،
سندس منشُور هوندو هو.

▣

تنهنجي دردن جو اي ديس! دارون ڪري،
ويجُ اُڏري ويو سو اُڏارون ڪري.

سنڌ تان سِر قربان ٿيندا پيا،
جوان آهن ڪڙا ڏِسُ! قطارون ڪري.

تون ڳڻن سان بہ ٻوڙو رهئين بي خبر،
جهُور مرندي مري ويو پُڪارون ڪري.

رُج ۾ فڪر جا گُل گُلابي ڏئي،
ديس سارو ويو هُو بهارون ڪري.

هر طرف ڪان پئي اڪ ٻگهڙ جي تَڪي،
سنڌ جون ڪو تہ هاٺي سنڀارون ڪري.

وڍ ايڏا جو آهن سِبڻ ڪان گهٽا،
پو بہ تڪيون ڳُهمين ٿو ترارون ڪري.

▣

تڏهن بہ بائيبل پڙهي رهيو آ،
صليب تي ڪو چڙهي رهيو آ.

هلي ٿو جنهن سان جهان جو چرخو،
اُهو چو پورهيت ڪڙهي رهيو آ.

نہ جنهن کي ڌرتي تي گهر آ پنهنجو،
اُهو وطن لئہ وڙهي رهيو آ.

زمانن کان آهن ڳچيءَ ڳٽ ساڳيا،
اسان جا نہ پرجي سگھيا ڦٽ ساڳيا.

اجا پيي حقن تي سنڌ حڪمراني،
اجا پيي ڳجهن جيئن تنهنجا جهٽ ساڳيا.

ڪٽي آهين اَبري ڪرم جا او مالڪ،
اُجا چو اَجا سنڌ جا پٽ ساڳيا.

نہ پيرن جي آهٽ نہ ڪا انتظاري،
نماڻا پيا هِن مگر گهٽ ساڳيا.

اِنهن جا ئي هٿ هُوندا تنهنجي ڳچيءَ ۾،
اِنهن کي نہ تون سمجهجان ڇٽ ساڳيا.

نہ مَٽ سي پروڪا، متارا نہ موڪي،
نہ هوڪا نہ واڪا، نہ ئي هَٽ ساڳيا.

اجا پيي ملين ٿو تون مُنهن کي گھُنجائي،
اجا پيي ڇا تنهنجي اندر ڪَٽ ساڳيا؟

▣

ديس واسين جي آس آ دريا،
ڪين پوءِ بہ راس آ دريا.

هي تہ ٻيڙي ئي فقط جاٽي تي،
ٻن ڪنارن جي پياس آ دريا.

پُور ناهي رهيو پتڻ تي جو
ناوَ ٻِن اڄ اداس آ دريا.

جنهن جي ڇولين ۾ چنڊ ڇُلندو هو
سو ئي اڄ ڪلهہ اُماس آ دريا.

ڪُپ دلي جيان سُڪل تڪر جهڙا،
ڄڻ تہ خالي گلاس آ دريا.

جنهن جي دهشت سان هانوَ ڏڪندا ها،
اڄ اهوئي حساس آ دريا.

منهنجي ڌرتيءَ جي جسم تي سائو
ليڙون ليڙون لباس آ دريا.

سوز جو آ سُگنڌ ساحل تي،
نوٽ واريءَ جو واس آ دريا.

▣

سوئي امر آ جنهن  جو هِت ياڳ متي آ،
هُونءَ بہ زندگيءَ جو هر ماڳ متي آ.

سڀ عشق محبت جا هِن مان ئي سُر ڦُٽن ٿا،
هي گيت وفائن جو ڪو راڳ متي آ.

چڙ تيز هوا گهوڙو آ وقت سوار اُن تي،
جنهن جي هٿن ۾ اُڏندڙ هي واڳ متي آ.

هي اڪ آ ازل جي،جيڪا لڳي نہ ڪڏهين،
پئي تي جلي جُڳن کان ڪا جاڳ متي آ.

▣

ديس جي دار سان، دلبري تي پوي،
قوم گُمراهہ جي، رهبري تي پوي.

هٿ خنجر سيئي تي پَون جيڪڏهن،
مات رهزن! تنهنجي، رهزني تي پوي.

روشنيءَ جا سوين پيچرا نڪرندا،
سوچ سنڌوءَ جي روشن، ٻتي تي پوي.

ديس ميندي‌ءَ جي خوشبو سڄو تي وڃي،
سنڌ جي رُت رنگجي، رتي تي پوي.

سونهن جي تہ پڇاڙي، مٽي آ ميان!
عشق سو ئي امر، جو مٽي تي پوي.

ساٿ ”باغيءَ“ جو ذرتيءَ، سان لکجو سدا،
ديس جي عشق ۾، شل پٽي تي پوي.

⊡

ديس! تنهنجي دلبري جيئي سدا.
نانءُ تنهنجي شاعري جيئي سدا.

جا ٻجي خوشبو پکيڙي ٿي چڙهي،
سنڌ جيجل جي مِٽي جيئي سدا.

جا نجاتي راهه تي آ گامزن،
”سائين“ تنهنجي ! رهبري جيئي سدا.

آڏني جنهن ۾ امڙ لولي مٺي،
سا سنڌي ٻولي مِٺي جيئي سدا.

جا ختم اُنداهه سنڌوءَ مان ڪري،
اهڙي چانڊوڪي ڇٽي جيئي سدا.

جا ورهائي پيار ساري ڏيهه ۾،
دل اُهائي مُحبتي جيئي سدا.

جنهن ڪيو آ ايترو جنمي وڏو،
مائُڙي منهنجي مِٺي جيئي سدا.

▣

سنڌ! تنهنجي چاهہ تان صدقي وڃان.
مان سنڌو درياهہ تان صدقي وڃان.

مان مرڻ چاهيان نٿو تاريخ ۾،
مان تڏهن ٿو شاهہ تان صدقي وڃان.

سنڌ! تنهنجو نانءُ مُون تي چانورو،
مان تنهنجي وڙاهہ تان صدقي وڃان.

سوچ تنهنجي ٿي ٻَري لاٽون ڪري،
تو ڏني ساڃاهہ تان صدقي وڃان.

پير "سائين" جا پيا جنهن پيچري،
مان انهيءَ هر راهہ تان صدقي وڃان.

تو ڏنو ايمان آزاديءَ سندو،
وطن جي ويساهہ تان صدقي وڃان.

اڄوڪي ڏينهن کي تنهنجي جنم ڪيو آ امر.
تنهنجي جنم تي وقت کي بہ وڏو آهي فخر.

تون! سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي اڄ بہ جڙ تہ وينو آن،
تنهنجي ٻاجهاري، سنڌ تي اڃا بہ آهي نظر.

وري چانڊاڻ ۾ ٻيهر بہ وٺي ايندين جنم،
سنيهو سنڌ کي اُپري ڏنو آ، رات، قمر.

اِها تاريخ جي ٿنا جو باب آهي ابا!
امن جو ٿي پئي اُهڃاڻ آهي تنهنجي قبر.

هي جو اڄ سنڌ سڄي توسان ملڻ آئي آ،
اِها بہ سامراج لاءِ انت جي آ خبر.

سدائين سنڌ امڙ جي پئي سيني اُجڙي آ،
اُٿو اُٿو اي ساٿيو! نہ هاڻ ٿيندو صبر.

سنڌ جو سائين ۽ سائينءَ جو روپ آهين تون،
تنهنجي نيڻن ۾ اڃي ٿي سموري سنڌ نظر.

انهيءَ تہ آس تي اُونده سان اتڪندا پيا اچون،
اسان جي خون مان ”باغي“ ڦُٽي ڪا پوندي سحر.

حال ۾ منصور جو گونجي پيو
حق جو نعرو اجا اتهاس مان.

سنڌ مان ”سيد“ هليو ائين ويو
گُل چنو ڪو موت املتاس مان.

ڪالهه عيسيٰ کي ڪيو مصلوب ويو
پر وَهي ٿو خون اڄ پيي ٽياس مان.

▣

ويجهو دل جي آءُ! ڏيکاريان مان توکي،
کهڙو کهڙو گهاءُ، ڏيکاريان مان توکي.

دشمن جو هر وار، ورائي واپس ڪيم،
ڪاهه ڪري ڪيئن پاءُ! ڏيکاريان مان
توکي.

ڌرتيءَ کان تون ڌار ٿيڻ جو درس نہ ڏي،
سنڌ اکين ۾ ماءُ، ڏيکاريان مان توکي.

لاٽ ڏيئي جي ٻٽجي ڏِسُ،
ڪاٽ اُوندهه ۾ هٽي ڏِسُ.

روز تو اُپ ڪي ڇُهين تون،
خاڪ ڌرتيءَ جي ڪٽي ڏس.

رنگ ڪيڏا تي سمائي،
پونءَ جي ٻٽجي پٽي ڏسُ.

⊡

ٿي ويو آ جلا وطن احساس،
ديس منهنجو قياس ۾ ملبوس.

مُنصفو ! غور سان ڏسو هي ڏيک،
ٿيو مسيحا، ٿياس ۾ ملبوس.

دانهن ٻيڙيءَ جي ٿي ويو درياهه،
وَنجهه آهن ٻياس ۾ ملبوس.

▣

نِڪتو ڪوبہ نہ خاص نتيجو
آيو چوٿون سال صديءَ جو

ساڳي تيز هوا طوفاني،
ساڳيو اُوندھ ياڳ بتيءَ جو.

چانوَ وٽن جي ٻول پکين جا،
ڪاڏي ويو سو روپ نديءَ جو

رت ٿِمي پيو ٿو تاريءَ مان،
ڪنڊ ڪپيو ڪنهن هي مُڪڙيءَ جو.

ڪيڏو سُندر منهنجي ڀُو ميءَ،
ويس ڍڪيو آ چاندوڪيءَ جو.

⊡

شل مٿيءَ مهڪار تان واريون وڃان،
ديس جي سنسار تان واريون وڃان.

سُونهن تنهنجيءَ کي جُهڪي سجدا ڪيان،
سنڌ! تنهنجي سار تان واريو وڃان.

ديس! تنهنجي ڪاڻ جيڪا پيِ سَجي،
مان سدا، تنهن دار تان صدقي وڃان.

⊡

پنن جي اکين ۾ بہ پاڻي  چڙهي ويا،
پکي وڻ تي پنهنجي کهاڻي چڙهي ويا.

اجا سِڪ ۾ چڪ ساڳي رکن ٿا،
اُهي جيڪي ڌرتي اَباڻي چڙهي ويا.
▣

ڏنئي انقلابن جي ساڃاهہ جن کي،
اُنهن ئي بغاوت ڪئي تنهنجي نالي،

نئون خيال ”باغي“ ڏنو شيخ صاحب،
فڪر مون  اريبو  پڻائيءَ رسالي.
▣

وَنجهه هئا ٻانهون، سنڌوءَ سان ٻاڪرين،
ڳالهڙيون ڪن ٿا ٻتيلا پاڻ ۾.

روز پکين ڪان پري ٿيندا وڃون،
وڃندي سوچين ٻيلا پاڻ ۾.

▣

منهنجي ڌرتيءَ جو خيال رکجو پيا،
سنڌ جا پَربتو! خدا حافظ.

ٿڪ ڪهڙا پَيچان مان صحرا ۾،
پنڌ پيو آ تنتو خدا حافظ.

▣

سي مري پيي امر ٿي ويا تاريخ ۾،
جن جي ڌرتيءَ سان عزت ۽ غيرت هئي،

مون کي "سيد" جي پيرن ۾ دفنائجو
هي بہ "باغي" جي من جي وصيعت هئي.

▣

لهر ٿي چانڊاڻ کي سُڏڪي چوي،
سمنڊ ٿو ساري سنڌو درياهہ کي.

اُپ، ڌرتيءَ کي ڏسي پيو قياس مان،
جيئن ڏسندو آهي ڪو بيواهہ کي.

▣

هوا ۾ شور آهي، پوءِ بہ تون خاموش ڇو آهين؟
گهٽا گهنگهور آهي، پوءِ بہ تون خاموش ڇو آهين؟

اُتي ياڳيا! ڪري ڪڙڪو پڇي وجهہ ڪنڌ ڏاريي جو
ڏسين پيو چور آهي، پوءِ بہ تون خاموش ڇو آهين؟

▣

تنهنجي ئي عشق جي من ڏيندو اَذان رهندو،
منهنجو سدائين تو ۾ ڏرتي! ايمان رهندو.

مِٽيءَ ڪي جنهن بہ پوڄيو ۽ جنهن اُنهيءَ ڪي ڄاتو،
تاريخ ۾ امر سو مانجهي مهان رهندو.

▣

نہ ڪو ٻہ هڪڙو فرد آ
سڄو سماج درد آ

مري، مري ٻہ جو جيئي،
مهان سوئي فرد آ.

⊡

اڄ وري تاريخ کي دُهرائبو،
دوستو! اڄ دار، مون کي ٿي سَڏي.

تنهنجي وارن ـ ڇانو کي ويندُس ڇڏي،
ماءُ ـ ڌرتي يار! مونکي ٿي سڏي.

⊡

ديس جي هر ڪا گهٽي ڳولي پئي
امن! توکي سرشتي ڳولي پئي.

▣

ٿيا پَٿَ پڌرا، لڳو چاندنيءَ ۾،
قسم سنڌ جو جرڻ ِمٽي ٿي ٻري.

▣

اڙي وقت! توسان شڪايت گهڻي آ.
تو انڌو ءِ ٻوڙو ڪيو ڇو ڏٽي آ؟

▣

اِن آس سان ڪنڌيءِ تي ، ٻيڙي جَهلي ڪڙو آ.
ايندو سنڌوءَ ۾ پاڻي، وهندو درياهه آخر.

▣

مُحبتون ئي مُحبتون اي ديس! پوکيون پاڻ هُون،
ڪنهن ملائي پو ڇڏيون هي، نفرتون مِٽيءَ اندر.

▣

سڄي سنڌ نوحو بڻي آب جو
اِهي ڪربلائون ڏکوئين ٿيون.

▣

سنڌ! توسان عشق منهنجو ٿي ويو ويتر اُتم،
سونهن تنهنجي مون جڏهن محبوب پنهنجي ۾ ڏسي.

▣

ڪو بہ ڏرتيءَ جو ناهي مسيحا رهيو،
قوم ڪي هاڻ سائي ٿي وڏندي وجي.

▣

هڪڙي لڪير سارا، مُحبت جارنگ ريٿيا،
ٿي پيو ”عدم تشدد“ وارو هي ڪنڌ نيرو.

▣

جهول هيرن جا پري ديس! جنهن ڏنا توکي،
پنهنجي سِر تي وسايا سنگ اُنهيءَ وَٽجاري.

▣

وڏا حالات جا مانگر، وڏي دَڙ وقت، دريا ۾،
پوءِ پي سنڌ سُهٽي هُن ڪنڌئي ترندي وجي پيئي.

▣

مِٽي راس ڏرتيءَ جي ٿي ڪين تن،
مُئا ديس واسي هُو پرديس ۾.

▣

هَلونيڻ اُوندھ ۾ ٻاري ڏيئا سڀ،
اِجهو چاڻ اُپري ڪا پريات آئي.

▣

تڏهن ئي تون آڪاش ٻڌجي سگهين ٿو،
جُهڪي تون جو ڌرتيءَ جي پيرين پئين.

▣

ذهن جو سامان ٺاهي نيڪ ڪر،
سوچ جا رستا نوان تخليق ڪر.

▣

# وايون

ڪيڏي اُنداهي،
پوبہ رڙهن راهي،
سُهائيءَ جي سارَ ۾.
رڪيئون نيڻن تي چُمي،
فرضن لئہ ڦاهي،
سُهائيءَ جي سارَ ۾.
مان نہ اڪيلو آهيان،
مون سان الاهي،
سُهائيءَ جي سارَ ۾.
ڪيڏي اُونهي ٿي پئي،
خوابن جي ڪاهي،
سُهائيءَ جي سارَ ۾.
پاڳن ۾ آ پوڳٽو
سُور نہ ڏين ساهي،
سُهائيءَ جي سارَ ۾.

⊡

وڻ، وڻ واويلا،
مُک ـ پکين پيلا،
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.
نِڙي سنڌوءَ جي سُڪل،
ٻُک ﺑِر ٻتيلا،
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.
پنهنجي نيڻن جا سيئي،
ماتم ٿيا ميلا،
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.
ٻاهه نہ ٿمڪي ٿي ڪٿي،
اگڻ اڪيلا،
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.
ايڏي تنهائي ڪَڙي،
وِھُہ لڳن ويلا،
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.
ڪر نہ رُسڻ جون تون وري،
ڳالهيون ڳهيلا!
ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو.

▣

پنهنجي ڌرتيءَ تي اجا،
خانہ بدوشي،
آخر ڪيستائين؟
ٻُڪ ـ عدالت ۾ سدا،
غربت جي پيشي،
آخر ڪيستائين؟
تنهائيءَ بہ چئي ڏنو
ايڏي خاموشي،
آخر ڪسيتائين؟
ديس، ڌڻين جي ديس ۾،
رهندي رُوپوشي،
آخر ڪيستائين؟
ڏوهہ نہ ثابت ٿي سگهيو
پو بہ اجا دوشي،
آخر ڪيستائين؟
ماڻهوءَ مَن ۾ ٿو وَسي،
ورهين کان وحشي،
آخر ڪيستائين؟
ماڪيءَ جيان محسوس ٿي،
تنهنجي سرگوشي،
آخر ڪيستائين؟
ڌرتيءَ تي بہ ڏيان ڏي،
”باغي“ مَي نوشي،
آخر ڪيستائين؟

▣

واري ئي واري
آهي پنهنجي پنڌ ۾
جُهرندا، پُرندا ٿا هَلون،
ڪُوڪ نہ ڪر ڪاري
آهي پنهنجي پنڌ ۾
روح پکيئڙو ٿو ٻڇي،
اجل شڪاري
آهي پنهنجي پنڌ ۾
اوسيئڙي جي روشني،
آخر ڪنهن ٻاري؟
آهي پنهنجي پنڌ ۾
سُج سَمورو آ سفر،
وڪ، وڪ اُجاري
آهي پنهنجي پنڌ ۾
پايل جي احساس ۾
ڇم،ڇم،ڇم ناري
آهي پنهنجي پنڌ ۾

⊡

پکي پرديسي
آيا آهن ديس ۾
مُکڙو مُونن ۾ لڪل
گيڙو وَنَ ويسي
آيا آهن ديس ۾
برکا ڀَرِ ڀَر برسندي
سانوڻ سنديسي
آيا آهن ديس ۾
هاءِ! ڌرتيءَ جا ڌٽي
ٻڌجي پرديسي
آيا آهن ديس ۾

⊡

هاءِ! هي برِ صغير،
ٽن ٽُڪرن ۾ ورهايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.
نانءُ مذهب جو ڏئي تو،
مُلڪ هي ڪهڙو بڻايو؟
رت تو ڪيڏو وهايو.
ٿي ويو بنگال باغي،
ڪين تو تنهن سان نڀايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.
سنڌ پوڳي پئي غلامي،
پر نہ تنهن سِرڙو جُهڪايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.
ڏس، بلوچستان پنهنجي،
جاڻ نيئر ڪي چِنايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.
ڏيک مَتجڻ وارو آهي،
وقت آ پردو مٿايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.
تو بُلهي، وارث، ۽ باهوءَ
جو سنيهو ڪئين ڀُلايو!؟
رت تو ڪيڏو وهايو.
رت تو ڪيڏو وهايو.

▣

# بيت

# ڪائر جو ڪردار

توسان تنهنجا ئي پيا، راڳا، راڳا ڪن،
ياڳا، ياڳا ڪن، تنهنجي سپني ڪي ميان!

▣

هئہ‌هئہ ڪيڏو اوپرو تنهنجو سَنُ لڳو،
تنهنجن چنيو آ ميان! سنڌوءَ سڳ سڀُو،
پوتارن پيڳو پرم تنهنجي پُونءِ جو.

▣

سيد جي تون سنڌ ڪي، ڍاهڻ تو چاهين،
جوڙي سگهين جي نہ تو چو تو پو ڍاهين،
ڪلين بينو غير سان، پنهنجن تي باهين،
ڪاڏي تو ڪاهين، سوچ سَويري پائڙا!

▣

دانهون ڏرتيءَ جون ٻڌي، ڏَڪي اُپ ويو
توکي پر نہ پيو پتو پنهنجي ديس جو.
▣

سيد جي تاريخ کي، ڇو ٿو لڄائين،
آزاديءَ - آواز کي، پيو دٻائين،
غدارن جي رسم کي، تون ٿو ورجائين،
قومي تراني مٿان، بندش ٿو لائين،
جنهن تي، پيري ۾ اُٿي، ٻيهندو هو سائين،
اُنهيءَ جي پيغام کي، پيو بدلائين،
ڪيئن ٿو ڀُلائين، سيد جي تون جهد کي؟

◘

سَن مان سنڌو ديس جو اُڏري ويو نعرو
سيدا! ڏس مزار جو سُونو نظارو
پريان اڄ ويران آ، سنڌوءَ ڪنارو
ٻينو آهه اُٻاڻڪو هُو ٻيڙيءَ وارو
ڪانئر ٻُوت لتاڙيو سَن جو هر چارو
تنهنجي اڄ مزار تان، تنهنجن ڏِڪارو
*"سرڪش" نياڻين سان تڙيو ويو ويچارو
ترانو تو ديس جو آهي ڏُڪارو
ديس پرين سارو توکي دانهين ٿو پيو.

◘

*سنڌ جو قومي شاعر - سرڪش سنڌي

توکي سُونهين ڪونہ ٿو ڪانئر جو ڪردار
سن مان تڙي سنڌ کي، غير ڪيئي سويڪار
ڪُرسي ڪاڻ ڦري وئين، تون بہ سيد کان يار
ٿاهِي شرط شُروط جي، تو لمبي ديوار
سائين جي تون فڪر جو، ٻڌجي ٿو مهندار
سيد سان هي سنڌ آ، توسان گڏ غدار
انهيءَ تي سُڏڪي پئي، سيد جي بہ مزار
ويڙهي ولين جيئن ويا، ويڙهيچن ـ ويچار
ها پر سيد جي ڪري، سنڌ ڪئي ماٺار
تنهنجن هٿن ۾ ڏسي، دشمن جي تلوار
سيد جي تاريخ کي، تون نہ لَڄا سرڪار
پنهنجي ايندڙ ڪيپ کي، تُون ڪر نہ شرمسار
ڪُرسي جو تڪرار، وفا کان ناهي وڏو.

▣

سيد جي تون فڪر کي، سمجهين ٿو جاگير،
پنهنجي مرضيءَ سان پيو مٿائين تحرير،
پرم پُوميءَ جو پَڇي، ٿاهين پيو تقدير،
ڪانٽرتا جي ڪِيسَ جي، جوڙين پيو تصوير،
روح رنجايئي سنڌ جو وڏئي سپنن - سِيرَ،
پوتارن سان تو هنيا، ڌرتيءَ دل ۾ تيرَ،
ڏني سين تنهنجي ميان! سيد ساڻ اُڪير،
سڏيئي، سائين! جنم تي، پير وڏيرا ميرَ،
جهُري پئي جندڙي الا! ڏنئي اهڙا جهيرَ،
تمغن جي تدبيرَ، پاڻءِ پئي توکي ڪيئن؟

⊡

جيڪي ويري سنڌ جا، تن جو يار نہ ٿي،
سيد جي تون روح تي، ايڏو بار نہ ٿي،
ايڏو بار نہ ٿي، سياست - ڪُوڙي راند ۾.

⊡

# اميدن جي جوت

توڙي اونداهي گهٽي، آهي سفر ۾
اُميدن جي جوت آ، پوءِ به نظر ۾
جيڪا گهر، گهر ۾ پکيڙيندا سون پيا.

▣

تو وٽ ماڙيون، مورچا، مون وٽ ڇپر - ڇانءَ،
تنهنجي جنت زندگي، منهنجي ڪکر ڇانءَ،
پو ٻيي مون کي آ مِٽي، هي جا ٻبر ڇانءَ،
پاهران سُورج تو سَٽي، پوءِ به اندر ڇانءَ،
توکي مگر ڇانءَ،راس نه اچٽي آ اِها.

▣

تنهنجون گُجهون ڳالهڙيون، آئون اياڻو
تون سينگاريل سونَ سان، مان مٽيءَ هاڻو
تنهنجو بستر فوم جو منهنجو پٽراڻو
تو وٽ مچن ميلڙا، سُڃو مون پاڻو
مون کي پيڙهي روز تو غربت جو گهاڻو
ڪڏهن نه وڪاڻو منهنجو پو به ضمير آ.

▣

ڌرتي! تنهنجي درد جو ڪنداسين دارون،
ڪري قطارون، مرنداسين تو ماءُ لئه.

▣

# پاڻيءَ جي ياد ۾

پاڻي، پاڻي تو ڪري، سنڌو اُجارو
وارو ڙي وارو، سنڌ سُڪي وئي ساٿيو!

▣

گُڊو، سکر، ڪوٽڙي، ماضيءَ جا نيشان،
تڪن پيا حيران، واٽون پاڻيءَ جون الا!

▣

ڪيسين سنڌوءَ جو پلا، قيد ڪندين پاڻي،
نيٺ ته پُڄاڻي، ٿيندي اِنهيءَ قيد جي.

▣

پلي منهنجي پُونءِ تي، ايڏا ويل وهاءِ،
ليڪن ٿُون نه پلاءِ، هر شيءِ ٿيڻي مات آ.

▣

هوا ٿپڪي ٿي ڏئي، سنڌوءَ کي سُڏڪي،
سنڌو پر مُرڪي، چئي تو ناهي ڳالهه ڪا.

▣

ناهي، ناهي ناهه ڪو، توسان هاڻ يزيد!
واري دريا ٿي ويو، اُڄ، اُلا هر ديد،
تنهنجي هر ترديد، ڪُوڙي ڪانئر! قوم جا.

▣

پاڻي بنا ٿو لڳي، سنڌو ائين خالي،
اکڙيون سوالي، آهن چڙھ آڪاس ڪان.
پکي،پکڻ تا روئن، سنڌوءَ ڪي ساري،
واري نهاري، اندر ۾ تا اَڏُ تين.

▣

سنڌو سُڏڪي ٿو پيو سنڌ ڏسي صحرا،
ڪُوماڻيل چهرا، ڪنڌيءَ مهاڻن ڏسي.

▣

ناهن سنڌوءَ گهاٽ تي، ڏيئن - قطارون،
ڪاڏي ويون اوچتو پکين - اُڏارون،
تاساريون تڙ تي الا! ٻيڙين - نِهارون،
ڏين ٿيون مِيارون، مارن ڪي هِن حال جون.

▣

سپ ڪجھ جاڻيندي بہ ٿوڪرين اَڻ جاڻي،
تن جي حامي ٿو پرين، روڪيو جن پاڻي،
سيد جي سمجهي نہ تو سچي سمجهاڻي،
ڪُوڙي ڪهاڻي، لکين پيو تون لوپ جي.

▣

تِڙن مُڪڙيون موڙ جون، ٻهڪن مُک سدا.
ساري سنڌ ادا، مينديءَ سان مهڪي پوي.

▣

چيتيون چيتيون پهڻ جا، پٿر تي ويندا،
توکي جي ٿيندا، سسئي! سامهون پنڌ ۾.

▣

## موهن جي دڙي جي صدا

مٿِي اُڏاري ٿي چوي، مون سان ڳالهايو.
مون سان ڪيڏي راندڙيون، مون ڪي بهلايو.
مون تي پنهنجي پيار جو ڪجهہ تہ ڪيو سايو.
مون مان ناهي آمن جا ڏيئڙا جلايو.
قتل موهن شهر کي، ٻيهر اڏايو.
پر مان وهندڙ تيز سو، سنڌو وهايو.
موهن کي مهراڻ تي، وري سڏايو.
هيءُ گهٽيون پڙيانگ سپ، ٻيهر مچايو.
آياڳيءَ هن قوم جو ڏيان تہ چڪايو.

چو ٿا بي احساس ٿي، موهن مٺايو.
چو ٿا مٺي، مٺيءَ جي، هيڻان لٽايو.
چو تہ موهن تاريخ جو اٿوَ سرمايو.
دنياداريءَ ۾ نہ سو هَٿان وڃايو.
اُٿو ٻچا سنڌ جا، موهن ٻچايو.
ائين نہ ٿئي جو سنڌ پيي، ڏڙو ٻڏايو.
انهيءَ ڪان اڳ ۾ سُتل، سيئي جاڳايو.
جهنڊو سنڌوديس جو ڳاڙهو لهرايو.
مون ۾ ڊبيل خواب ڪئي، اٿوَ ڪوٺايو.
مون ڪي مٺيءَ واءُ ۾، مُٺ نہ اُڇلايو.
مون ڪي ڏارين جي هٿان،ائين نہ مارايو.
نہ ٿي موهن جيان توهين، رُسو اَجايو.
مون تي ميلا پيار جا، گڏجي مچايو.
چوڏهينءَ چندرما، مَٿان، اُڀري چمڪايو.
ڪوهہ اهي ويران سڀ، سڪيون! وَسايو.
لڪي درين ـ اوٺ مان، ليئا ڪي پايو.
نغما نئين نينهن جا، جُهومي ڪي ڳايو.
مون ۾ ٻيهر ٻار ٿي،خود ڪي ليٽايو.
پري ٻُڪڙا واءُ ۾ ٻيهر اُڇلايو.
ٻاري ڏياريءَ جا ڏيئا، سنڌو جرڪايو.
هوليءَ جا هر مُک تي، رنگ ڪلي لايو.
ڪيڙي سيني ڪي سندم، هر اچي ڪاهيو.
مون ڪي وسايو موهن جي نئين روپ ۾.

⊡

## گانڌيءَ کي پيتا

”گانڌيءَ“ جي گُفتار اَهنسا جون آيتون،
امن سندي پرچار، چرخو چوريندي گيئين.

▣

”گانڌي“ گوتم جو وري، روپ وٺي آيو
ٻڻجي سرمايو پاڙ ويو تاريخ جو.

▣

اَهسنا جي آبرو ميان! رکيئي خوبُ،
پنهنجي فطرت ۾ رهيئن، سدائين مجذوبُ،
ٻڻجي وئين محبوبُ، گانڌي! هر هڪ گيان جو.

▣

اَهنسا جي بانسري، گانڌيءَ وَڄائي،
آزادي آئي، اُڏري ڪبوتر جيان.

▣

تو وٽ مذهب ڪان مٿي، انسانيت لئہ مانُ،
پوءِ بہ ڪئي انسانُ، توتي باهيندا رهيا.

▣

هڪڙي ڏُبري ڍِيل، هَنسا کي هيٺو ڪيو
اَهنسا جي روح سان، ٻاري جنهن قنديل،
سوئي ابابيل، گوليءَ جو نيشان ٿيو.
▣

ڪانئر جي گولي، اَهنسا جي ڪُک ۾،
ڦُٽي اُنهيءَ شبد مان، امن جي ٻولي،
ڌرتيءَ جي جهولي، گل گلابي ٿي وئي.
▣

چرخي کي چوري ميان! آنند ئي سُجاڳي،
جندڙي تو واڳي، آزاديءَ جي عشق سان.
▣

اَهنسا جي لاٽ سان، جاڳائي جنهن جاڳ،
وساٽيل هر روح ۾، پڙڪايائين آڳ،
پليرا ٿيا ڀاڳ، ساري ئي سنسار جا.
▣

اوڙهي الفي امن جي، نڪتو اڪيلو
مچي ويو ميلو اَهنسا جي مچ تي،
▣

هَنسا جي بنواس ۾، آهنسا جي ڪونج،
اڄ ٻيي اُن جي گونج، گونجي ٿي تاريخ ۾.

▣

صدائون سائل، ڏيندو هُيو ڏيھ کي،
ڌرتيءَ تي انياءُ جا، اوهيڙا ڇانيل،
او گولي! گهايل، ڪيئن ڪيئي تاريخ کي؟

▣

"جليان وارو باغ" ريتو ٿي ويو رت سان،
ڪير ڌوئيندو داغ، اَنياءُ جو اتهاس تان.

▣

"هاءِ رام" چئي، وڻجارو هليو ويو
گولي چرڪي وئي، چيخ ٻُڌي تاريخ جي.

▣

اَهنسا جو گيت، گونجي ويو سنسار ۾،
ڪتيندي تو جوڙيو، سنساري سنگيت،
او امن جا ميت! ڪيئي اوچو ماڻهپو.

▣

تون تہ سمورا فرق هُئين، آيو متائڻ،
چاهيئي پرچائڻ، اَهنسا سان امن کي.

▣

# نظم

## ملي ويو پاڇي سان پاڇو

مَٿي - ٽوپي
ڳُلهين - اَجرڪ
هٿن - زنجير کي جوڙي
وري اڄ ايڪتا جي لاٽ کي
روشن ڪيون گڏجي
وري تهذيب سان پنهنجو
وچن ورجائجي ٻيهر
سموري قوم جا هٿ ۾
ملائي هٿ ڏيکاريون
لڪيرون ٿي وچن روشن
هٿن جون آڱريون ٻاريون
ثقافت جي رنگن سان

سنڌ کي رنگين ڪرڻو آ
نئين اتحاد جو سورج
انهن مان ئي اُڀرڻو آ
ڇڏي دنيا جي جهنجهٽ کي
ہ ٿي پل سنڌ جي نالي
ڪيون اڄ ارپنا دل سان
اسان جي سنڌ سُهڻي آ
انهيءَ ۾ هي سنڌو دريا
اَمڙ جي سينڌ وانگر آ
مٽس ”موهن“ پيو مُرڪي
ڪراچيءَ کان وٺي ڪشمور ۾
ڪينجهر کان ڪارونجهر
پَريان هو قُرب جو ڪاچو
سڀي سنڌ ايڪتا ٿي وئي
مِلي ويو پاڇي سان پاڇو
اَڄو قومي سُجاڳيءَ جو
جشن گڏجي مَلهايون سڀ
اَڄواڄ ايڪتا جو ڏينهن آ.
او سنڌ واسيو!

▣

## دربدر ٿي ويل ديس جي ڪهاڻي

ڪري گجگاهه، دهشت سان،
سنڌو درياهه جاڳي پيو،
سموري سنڌ لاءِ هيل،
سُڏڪا سانوڻي ٿي پئي،
ڪجهن جا ڏي به ٽيون نظرون،
رڳو چر، چوليون آهن،
ٻُڏڻ جون ٻوليون آهن،
ڪچي جا ۽ پڪي جا خواب،
سُهڻيءَ جيئن ٻُڏن ٿا پيا،
رڳو آهون، رڳو دانهون،
ٻُڏي ويون ٻوڏ، ۾ ٻانهون،
مگر، ميهار ڪوان حال ۾،
آيو اڃا ناهي،
جو ٻُڏندڙ سنڌ ـ ”سُهڻي“ جو
سهارو ٿئي، ڪنارو ٿئي،
مگر، سنڌوءَ ڪنارن جو
ڪٿي ڪوبي پتو ناهي.
سموري سنڌ جي ڌرتي
دريا جو ڏيک ڏئي ٿي پئي،
ٻُڏي ويا مور مارن جا،
ڍڳا ۽ ڍور مارن جا.

نماڻا نيڻ پوڙهيءَ جا،
اُجهاڻيل نُور جون لاٽون،
نِهارن ڳوٺ جون واٽون،
نہ جن کي ڪو اَجهو سِر تي،
کُليل آڪاش جي هيٺان،
حياتيون ٻُک تي پيلي،
ڪوئي پيي ڪين آ جيڪو
ٻُڍن جو آسرو بڻجي،
وطن لئہ آجپو بڻجي
ٻُڍي جو دربدر هِن ديس جي،
دل سان ڪهاڻيءَ کي،
اُهو محسوس نيڻن ۾،
ڪندو سنڌوءَ جي پاڻيءِ کي.
سڄي سنڌ درد وندي آ،
گُهلي ٿو ڏُک هوائن ۾،
کُٽي ويو آب اکڙين جو
رَڙي رُج تي نگاهن ۾،
مگر پوءِ بہ سنڌوءَ جي
وڇي دهشت پئي وڌندي،
ٻنن، ٻنين کي ٻوڙيندي
پُڳي آ سمنڊ جي ويجهو
نئين هڪ سنڌ جوڙيندي،
سُڄاڳيءَ جي نئين سج سان!!!

## ڳوٺ

هونءَ تہ ساري سنڌ منهنجي،
سنڌ جا وستيون ۽ واهڻ،
شهر جون سڀ رونقون،
مون کي پنهنجون ٿيون لڳن،
۽ سيئي هي ديس واسي،
ڇڻ تہ منهنجا خواب آهن،
مان بہ هن ڌرتيءَ مٿان،
ديس پنهنجو ٿو رکان،
مون کي پنهنجي قوم آهي،
پنهنجو اجرڪ، پنهنجي ٽوپي،
منهنجي آ تهذيب جُهوني،
پا ڳوند آهيان وڏو
ديس منهنجو آ سڄو
مون کي پنهنجي آهي ٻولي،

ٻول، جنهن جا، ٻاجهه جيئن ٻاجهارڙا،
شاهه، سامي، ۽ سچل،
خواب جن جا ڪئي ڏنل
خواب جيڪي پيارڙا
مون کي تن تي آ فخر،
گَروَ ان منهنجي جُهريل هن جيءَ کي.
ٻَل آ ڏنو
ها! مگر احساس هڪڙو
ٿوهه جهڙو
منهنجي سانيڙ ڪان وٺي
مون کي ڪائيندو اچي ٿو،
ڄڻ نهائينءَ ۾ مٽيءَ جو
ٿانءُ ڪو پچندو رهي ٿو
روح ٽچڪندو رهي ٿو،
روز ٿو دل کي اڏوهيءَ جيان چٽِي
ڪرت وانگر ٿو ڪٽي،
ڪو اباڻو ”ڳوٺ“ منهنجو ڪين آهي،
ڳوٺ جنهن سان
ذات پنهنجي کي ڪٽي منسوب ڪيان،
ڪو حوالو دوستن ۾.
ڳوٺ جو مان پيي ڏيان،
جنهن جي ٻنين ۽ واهڻ ساڻ مان
ڪونه ڪو ناتو ڳنڍيان،
سونهن جنهن جي دل جي ٻوليءَ ۾ چٽيان

ڳوٺ، پنهنجي، جي انهيءَ احساس ۾
لوساڻجي
پاڙ کي مان شهر جي
پُرشور ڪنهن فٽ پاٿ تي
ڄاول پيو محسوس ڪيان
ڪوا ڀاڳوءِ يتيم.
شهر، جنهن جي پيچرن تي ڪيتريون ئي
رانديون رهنديون
۽ رولاڪيون ڪنديون
پلجي وڏو آهيان ٿيو
ها، مگر ان شهر ۾
مون کي پنهنجو گهر به ناهي
ڪا دري ۽ در به ناهي
گهر، جنهن جو ڇانورو آهي اُڏارو،
پو به مون کي آهي پيارو
هيءُ دلبر ديس سارو
پو به آخر ڪيترو اي ديس!
تنهنجي مان وسيع ڌرتيءَ مٿان
اوپرو جيئندو رهان!؟
اوپرو جيئندو رهان!؟

▣

## سچ

هر روز ٻارڙن کي،
مان ڪوڙ پڙهائڻ لئہ،
اسڪول ويندو آهيان،
پنهنجي ضمير آڏو
آهيان لَڄي مان ٿيندو
درسي ڪتاب جي هر،
صفحي تي ڪوڙ ڇاپيل،
هي علم جي نالي ۾،
تاريخ، حوالي ۾،
معصوم ٻارڙن کي،
سچ ڪان پري رکڻ جون،
هي سازشون ست سالا،
سچ جي حقيقتن تي،
پردا وجهي رهيون هِن،
هي بورڊ تي لکيل
سفيد چاڪ جا اکر،
زنجير پيل قيدين
وانگر لڳي رهيا هِن،
مون کي چئي رهيا هِن،
ڏَسُ، ڪوڙ جو اسان تان،
هي قيد ڪڏهن کُٽندو،
ڪڏهين ڪتاب جي هر،
صفحي مان سچ ڦُٽندو؟

▣

## سنڌ ۽ ويلنٽائن

سارو عالم پيار جي رنگن سان آ
رنگين ٿيو.
سُونهن جا، اظهار جا ۽ عشق جا
ڳئي ڳُل ٽڙيا
گُل جيڪي پيار جا تحفا بڻي،
هر هٿ ۾ آهن ڪڙيا
ساري ڌرتي جڻ خُدا جو خواب آ،
بڻجي پئي
مُک مُرجهايل پيا مهڪي ڪئي،
عاشقن لئہ هي ڏهاڙو
پاڪ، مُقدس ۽ اُتم هر چيز کان
ها مگر منهنجي مِٽي!
ڪيئن ڪيان اظهار توسان،
عشق جو.
سنڌ منهنجو ديس آهي درد ۾،
عشق جنهن ۾ روز ٿو”ڪاري“ بڻي،
پيار جنهن ۾ ٿو پنن وانگر ڇڻي،
ديس اهڙي جو آهيان مان،

باشندو.
جنهن جي ڌرتي ٿياس تي آهي ٽنگيل،
لڳ جنهن جا رَت ۾ آهن رنگيل،
او منهنجي پياري! ٻُڌا مان ڇا ڪريان؟
ياءُ منهنجا ٻُک تي وينا
”ڪراچيءَ شهر ۾
جي مرڻ تائين نہ رهندا“
ديس سان تِن جو وچن
جي ٻَڌي سِر سان لٿا آهن ڪفن!
آ مَٿاهون جن کي پنهنجو ئي وطن،
مان ڪيئن پو عشق جا نغما چوان،
خط تو ڏي پيار جا ڪيئن لکان،
مان پيو سگريٽ وانگر
ديس ساري سان دُکان،
تون ڀَلي اظهار مون سان،
عشق جو ڪر، او مني!
مون مگر تو کي سدائين،
سنڌ جي هر روپ ۾ آهي ڏٺو
چانوَ چمرن جي هُجي يا،
لُڪ، لُوساٽيل ڏوپ ۾ آهي ڏٺو
مان اجوڪي ڏينهن جيِ اِن ريت تو،
آجيان ڪريان
تون ئي آهين سنڌ منهنجي
جيءَ جُهريل جند منهنجي،

هاڻ مان توکي سموري سنڌ ۾،
پيو ڏتو پَسان.
مان نہ عاشق هيڪڙو پر،
ديس جا سيئي اسان
سنڌ سان هِن عشق جو
ڏينهڙو ملهايون روز ٿا،
ڪنڌ، ڌرتيءَ جي اڳيان پنهنجو
جهُڪايون روز ٿا،
عشق جي هِن لاٽ جو اظهار
ڪرڻو آ پري
سنڌ کي هر حال ڏيڻو آ مري
نيٺ آزاديءَ جو تحفو.

▣

## اَمن جي نالي

وري جنگ جو اڄ طَبل آ وَڳو
وري حُڪمرانن جي
هوڏن هَٿان
اَمن جو اڄ اُجارو گهڙو آ ڀَڳو
مَٿان ڪان اڇي بم ڏرتيءَ جي،
مُنهن ۾ لڳو
سندس خواب سيئي پسم ٿي ويا،
اڳي ساپيان ڪان ختم ٿي ويا.
سڄو نيرو اُجرو هو آڪاس،
دونهين جي زد ۾ اچي،
ويو آ ڪارانجي
سَموري فضا ۾ آ بدبوءِ بارود جي
نشو هيءُ طاقت جو ڏاڍو بُرو آ
تڪو جڙ چُرو آ.
جو هر پل اَمن جي ڳلي تي وهي ٿو
جهڪو ئي نہ ٿئي ٿو.
رُڳو ٿي ڌماڪن سان ڌرتي ڏُڏي،
موت ويران رستن مَٿان تو ڪُڏي،
هُو معصوم ٻارن جون ريهون،
ستئي اُپ ڏارين ٿيون،
خُدا کي پُڪارين ٿيون،
امن لئہ نهارين ٿيون،

اِنهيءَ آس تي بس گُذارين ٿيون تہ!
الائي ڪڏهن؟
”هي جي وحشي درندا
جي انسانيت تي وڏا داغ آهن،
جنين جي هَٿن ۾
اسان جي حياتين ۽ ڀاڳن
جا سڀ واڳ آهن.“
اسان کي امن سان هي، جيئڻ
ڇڏيندا
اهوئي فقط حق ڏيندا
اسان کي نٿو ڪجهہ بہ گهرجي،
سندن کان
اسان کي فقط هاڻ آزاد ڪن
سرحدن کان.
تہ عالم جوجيئڻ سارو
انسان گڏجي،
پري جنگ، دهشت کان
امن ۽ محبت سان
نئون جڳ ڪو اَڏجي،
سدا جو امن جي ئي نالي سان سڏجي،
سدا جو امن جي ئي نالي سان سڏجي.

◘

* آمريڪا پاران عراق تي مڙهيل جنگ جي پس منظر ۾

## ستاويهين ڊسمبر !

وري سنڌ جي گُلستان مان،
چِني ويا ”هُو“ گُلِ نَرگس،
اکيون آڪاس جون آليون.
ستارا سوڳ ۾ ٻڏجي پيا.
سموري ڪائناتي سُونهن کي،
ويڙهي اُداسي وئي.
اُتر جي سَرد برفيلي،
هوا نمڪين ٿي ويئي.
ڏَڪِي فطرت رِڙا ڪاري،
خُدائي ٿي پئي نوحو.
ڪِروڙين خواب هئا منسوب،
جنهن جي خوابُ هڪڙي سان.
جلاوطنيءَ جي پيڙا پي،
نہ هاريو حوصلو اُن جو.
لُٽيو ويو قافلو اُن جو.
اُنهيءَ جي زندگيءَ جي ورق کي جو.
وقت اُٿلايو.
وري اتهاس پنهنجي، جو
تسلسل ياد ڪو آيو.
الائي ڪيترا احساس،
جذبا، خواب، آهون،

سڀ صدائون.
ٽيون نيشانو
هاءِ! ڪنهن ڇُڙواڳ گوليءَ جو.
ستاويهين ڊسمبر جو
لٽو جيئڻ سچ سانجهيءَ جو.
ڪٽي ويو پاڻ سان ميڙي،
وطن جي روشني ساري،
ٻُڏي وئي رت ۾ اي سنڌ!
تنهنجي ماروي آخر!!!

▣

# ٿــــــر

ننگر جي سُونهن ڪارونجهر،
ٺهوڪي ”ڪاسبو“ سائو.
مندر تي مور جو جهُومڻ،
جهُڪيل مورت اڳيان ٻائو.

رڻي ٿو ڪڇ جو رڻ پٽ،
مَٿس سورج تتل تامو
برف جهڙي اڇي واري،
۽ ڪوهيڙي نُما رائو.

مِنيءَ جي مُند مينهوڳي،
ڪڪر، گيڙو رَتا جوڳي،
”گڏيءَ“ تي ريت جي ڪَڻ، ڪَڻ،
تُتل اتهاس جو ڪائو.

پٽن مان ياِلوا پُٽڪيو
سڏي ٿو ڪُوهه ”مارل“ ڪي،
ڪٿي آ، ڪوٽ ڪالهو ڪو
هُيو جو وقت جو ڏوڪو.

ٿيا آثار عاشورا،
سڄو ٿر درد جي آهي،
علامت ٿي پيو اهڙي
نہ دنيا ۾ ڪٿي جهڙي،
عجب اسرار ٿا اُڀرن،
اکين ۾ حيرتون ڪيئي،
سفر پنهنجو پٿن وچ مان،
مٿان ڪارا ڪڪر برسن،

چُميو ”چيلهار“* کي نيٽڻ،
گُلابي سُونهن نکري پئي،
ءِ ”راڻاسر“ ترائي تي
پِنل هئي سانجهڙي سُرمئي.

هئا لهرن مٿان ڪيڏا،
گهٽا جا رنگ سُرمائي،
هوا ۾ ڪيپ اَڙ پيتا،
لڳو ٿر ڪنهن جي پرچائي،

رَتا ڪئي رنگ ”روحل“ ۾،
ڪڙي هر جام مان انڊلٺ،
هئي هر ڏُک ۾ راحت،
صديون محسوس ٿيون پل ۾

صبح جي هير ٽڏڙيءَ ۾،
اکين تي ڪيپ خوابن جا،
لڳو ساغر جيان سورج،
اَمر لمحا شرابن جا.

ويو پئي روڊ ڏامر جو
پٽن جي وچ مان ڊُڪندو،
هُيو ٽر جو سفر سُندر،
پکين جيان پئي ويو اُڏندو.

اِها ٽر ياترا هئي يا،
هُيو ڪو خواب ڪاهوڙي،
ڏٺوسين جاڳندي جيڪو
اکين جي ٽي پيو مُوڙي.

اڙي او ٽر! پٽن وارا،
اڙي ٿوهرا! ٽڪن وارا،
اُجارا او اَڪن وارا!
سدا وسندو رهين تون شل،
مِٺو امرت نُما ٽئي جل،
وڏا ساندين خزانا تو،
رکين ڪيڏا زمانا تو.

⊡

*چيلهار، ٽر جو هڪ ڳوٺ

## مُفلسيءَ جو گيت

اسان جو سدائين رهيو کيسو خالي،
دوائن جون پَرچيون، پنا شاعريءَ جا،
اسان جي نصيبن جو اظهار بڻيا،
اڌوري ڪهاڻيءَ جو ڪردار بڻيا،
اکين جي اُداسي اُجهامي نہ آهي،
خوابن ۾ منظر آ مايوسين جو
بڻي زندگي گيت ڪو مُفلسين جو،
چون ٿا اسان کان خُدا ڪاوڙيل آ،
”اُهي“ جن سان پرچيل آ پئسي جيان،
جنين جو جيا پو آ دوکي جيان،
لڳي ٿو اسان جو خُدا مُختلف آ،
هَنيو پنهنجي احساس تي جنهن ڪُلف آ.

جو غُربت جي گهاٽي ۾ پيڙهي رهيو آ.
تي مُنصف جنهن انصاف اهڙو ڪيو آ.
لکي مُفلسي جنهن اسان جي ئي نالي،
ڪيو جنم سان جنهن ڏکن جي حوالي .
ازل کان حياتي جي سوغات اَرپي،
جمڻ کان مرڻ تا ابد مات اَرپي،
چون ٿا ڪي مخصوص ماڻهو خدا جا،
لکيل آسماني وارثت اِها آ.
متان ڪجهه ڪُڇي ڪو هدايت اِها آ.
پلي ماڻهپو موت جو بَک ٻڇي،
کپي ماڻهپو ڪين، رُتبو جيئي پيو.
بيا سپ مَرن هڪڙو طبقو جيئي پيو.
اسان کي ڪيو ويو مرڻ لاءِ پيدا،
رڳو سرد آهون پرڻ لاءِ پيدا .
سڄي زندگي هي چَتيون ٿي وئي آ،
اسان پو ٻه پاڪر ۾ ويڙهي ڪنئي آ.
اسان پاڻ مان پاڻ اُتساهه ماٽي
جيئڻ جا بهانا بنائي جيئون ٿا.
مگر اي زمانا! نه سگهنديُن تون چاٽي،
وڏي ۾ وڏو بار آ زندگيءَ جو
کٽي خالي کيسو جيئڻ آدميءَ جو! .

## مِٽيءَ جو قرض

هوا ڦرٽي، گهرٽي
هوا هلڪڙي آ.
اُنهيءَ تي نہ وشواس،
پنهنجو رهيو آ.
سدا، جيڪا پنهنجي
مُخالف گُهلي آهي،
طوفان بڻجي،

مگر! پاڻ ڪڏهين،
نہ پنهنجي سفر جو
مَتيو رُخ آهي،
گھُٽن ۾، جهَڪن ۾،
بہ جهُرندي ۽ رڙهندي،
هميشه ڪنيل هر قدم،
پنهنجو اڳتي وڌيو آ،
هوا جي رحم ۽ ڪرم تي
هلڻ پنهنجي فطرت ۾ ناهي،
سدا پاڻ ئي،
پنهنجا تخليق رستا،
ڪندا پيا هلون
اسان پنهنجي منزل جا،
خود آهيون سُونهان
اسان ڪنهن طرف جا،
نہ مُحتاج آهيون،
اسين پنهنجي سِر جا ئي،
خود تاج آهيون،
جڏهن ۽ جتان پيي
گُذر ٿيو اسان جو
اُتي پنهنجا نيشان،
ايندڙ نسل لئہ،
ڪيا وقت جي،
ثبت سيني مٿان،

اسان جي مُرڪ،
حوصلن جي علامت،
اسان کين پاڙيو
بهارن تي ”باغي“!
خزائن کي پنهنجون،
اميدون ٻڌائي،
اسان ديس جي دلبري،
پيا نڀايون،
اسان جي حياتي،
نہ احسان ڪنهن تي،
اسان جو جنم،
قرض آهي مٽيءَ جو!

▣

## اُٿو سنڌيو !

اُٿو سنڌيو! پيئو جامِ شهادت،
وطن لئہ ويڙهہ آ، پنهنجي عبادت.

هي خاڪي وردين وارا، سنڌين جا قاتل سارا،
جِن رت ۾ لال ڪيا هن، ڌرتي جا دولهہ، دارا،
ڇڏي ويچا، سيئي گڏجو ”سيد“ جي آهدايت
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

هي پنهنجي درد ـ ڪهاڻي، سنڌو ۾ ناهي پاڻي،
تو بند يزيدَا! ڪيو آ، سنڌڙيءَ جو داڻو پاڻي،
نہ چُپ رهبو وڙهي مَربو، ڪندي توسان بغاوت،
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

هي اجرڪ، ٽوپي پائي، جهومڪ ۾ نٿ سَجائي،
سڀ مارو جُهومي نچندا، ”سيد“ جو سَڏُ ورنائي،
فقط هڪ ئي، اَمن! تنهنجي، رکو رهندي جماعت،
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

هي بُک، ڏُکر ۾ غُربت، تولئہ پرڪا بہ نہ حيرت،
تون انڌو راڄ ٿو ڏاهين، ان راڄ کان آهي نفرت،
ڪري ٽُڪرا، ٽُنهنجي ڪُوڙا، ڇڏيندا سين رياست،
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

هت ”سنڌو ديس“ آڏائي، ۾ ڊيم سيئي ڊهرائي،
توڪان ونبي آزادي، هي لال جهنڊو لهرائي،
توتي تاٽي، ڪبي هاٽي ڪهاڙيءَ سان حفاظت،
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

هي سامي، شيخ، پٽائي، سچل، مخدوم، سنائي،
هوشو هيمون ۾ دولهہ، ”باغيءَ“ کي پڪ ڏياري،
ڏکي ٿيندي نہ هي سنڌڙي، چيو آ شاهہ عنايت.
وطن لئہ ويڙهہ آ پنهنجي عبادت.

▣

## او آزاديءَ جا متوالا

او آزاديءَ جا متوالا،
تون پنهنجي دل چو لاهين ٿو.
اُٿ،قدم وَڌاءِ منزل ڏي،
جي ساپيان سپنو چاهين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
تون لائون لَهرُ بندوق کڻي،
اج آزاديءَ جي مومل سان.
تون رت ۾ چڏ هٿ لال ڪري،
چو ميندي تِن ڪي لائين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
سڀ دشمن ٿَرَٿَرَ ٿَرَڪن تا،
جيئن لال جهنڊا هي ڦڙڪن
تا.
تا ڪَڻ ڪَڙ تِن تي ڪان ڪِرن،
تون سرمد! جڏهين ڳائين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
مان سمجهان ٿو هن سياست
ڪي،
ءِ ڪُوڙي تنهنجي رياست ڪي.

تون روز نوان مون ـ مارڻ جا،
ڪي ناهه نڳيءَ جا ناهين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
ٿو سيد توتي ناز ڪري،
سو ڏينهن نجاتي ناهه پري
تون جنهن لئہ قومي دشمن سان،
هي پنهنجو سينو ساهين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
هي قيدُ، سلاخون، زنجيرو
هڪ ڏينهن مَٽيندين تقديرون.
تون آهين پوءِ بہ اٽل بيٺو
تون سختين کان نہ ڪيٻائين
ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
تون هڪ ئي هاڻ سهارو آن،
تون جيجل جيءَ ـ جيارو آن.
ٿي توتي سنڌ، فخر پائين،
تون قول سيد جا پاڙين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!
شل وچن نيائين ڏَرتيءَ سان،
هن آزاديءَ ءِ سَرتيءَ سان.
هي سيد جو ئي سپنو آ،
تون جنهن جي ساپيان چاهين
ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!

سَن ڳعبو آ، سَن قبلو آ،
سَن سيد جو ئي جلوو آ.
تڏهين تہ عقيدت مان ”باغي“!
تون پنهنجو ڳنڌ جُهڪائين ٿو.
او آزاديءَ جا متوالا!

⊡

## سنڌوءَ جو پاٽي

تَڪن واٽ پاٽيءَ جي سنڌوءَ ڪنارا،
ڪنارن تي بيٺل مهاٽا اُجارا.

سنڌوءَ ۾ ٿيون واريءَ جون ڇوليون اُڏامن،
ڏسي ڏيک هر، هر اِهو نيڻ ڪامن،
يزيدن ڪري قيد، سنڌوءَ جو پاٽي،
ڪيو آهي ويران سنڌوءَ جو دامن،
نہ موجون، نہ ٻيڙيون ٿيون جُهومن هوا ۾،
اُجاڙيا ويا هن، سنڌوءَ جا ڪنارا،
تڪن واٽ پاٽيءَ جي سنڌوءَ ڪنارا.

صدين کان اهو سنڌ سان ويل آهي،
متان، چئين تہ مورک! رڱو هيل آهي،
لٿي اُج جي اهڙي ماڪڙ اچي آ،
اچي جنهن ڪيو پورءَ کي پيل آهي،
انهيءَ درد جون پيا ڏسيندا ڪهاڻيون،
اِهي آسمانن جا سورج، ستارا،
تڪن واٽ پاٽي جي سنڌوءَ ڪنارا.

ٻنيون، کيت، ٻارا، سيئي هاري، ناري،
رهن ٿا ڏڪارا، اُجي واهہ واري،

پکي، جيت ۽ ڍور ٻيلا وڻن جي،
سُڪي نوٽ ٿي، سبز هر ڪائي ٽاري،
پريشان هر هڪ ذرو سنڌ جو آ،
ٻُکن ۾ اڃي هاڻ اُڃن ۾ گُذارا،
تڪن واٽ پاڻيءَ جي سنڌوءَ ڪنارا.

نا انصاف ٻُڌ هاڻ تون ڳن ڪولي،
اُٿيا آهيون، تو کي ڇڏينداسين رولي،
متان، ائين سمجهين، اياڻا اجا هُون،
اسان ڳسُ، نجاتي وَٺو ”باغي“ ڳولي،
اسان کي متان، سمجهين تون بي سهارا،
تڪن واٽ پاڻيءَ جي سنڌوءَ ڪنارا.

⊡

## ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب

- سمنڊ جي هُن پار۔ 1999ع
- سپنو سنڌو ديس جو۔ 2001ع
- مٽيءَ جي خوشبو۔ 2003ع
- آرسيءَ جا خواب۔ 2004ع
- ڊسمبر جي اڪيلائي۔ 2006ع
- درد جي ساڳي ڪٿا۔ 2010ع
- سنڌو ديس مَهانُ۔ 2011ع

مُرتب ڪيل

- هي روح جزيرو حيرت جو (اياز جا سيئي غزل) 2004ع
- سپنا ساڳيءَ مُند جا (نوابشاهہ جي شاعرن جو تعارف ۽ ڪلام) 2002ع

## سِپَ پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

1. ستارن جا رستا (شاعري) رضا ڏاهري /100
2. سپنا ساڳيءَ مُند جا (نوابشاهه جي شاعرن جو تعارف ۽ ڪلام) /150
3. سپنو سنڌو ديس جو (شاعري) بخشل باغي /60
4. رنگ پنهنجي پيار جا (شاعري) ستار سُندر /80
5. مٽيءَ جي خوشبو (شاري) بخشل باغي /130
6. ڪليسا جي دريءَ مان (شاعري) رحمت پيرزادو /80
7. درد جون آيتون (شاعري) سعيد ميمڻ /150
8. ڪينڊل لائيٽ (شاعري) رحمت پيرزادو /70
9. نيٽ تہ بادل برسندا (شاعري) بادل لرا /200
10. ڪايا منجهه ڳڙن (جيل ڊائري) علي محمد شاهه لڪياري /200
11. ڪئمپس ڪجراريون (شاعري) بابر جاگيراڻي /130
12. پڊ عيدن تواريخ جي آئيني ۾ (تاريخ) زاهد سومرو /200
13. درد جي ساڳي ڪٿا (شاعري) بخشل باغي /150
14. سنڌو ديسُ مهانُ (شاعري) بخشل باغي /100


سنڌو ديسُ مهانُ
شاعري
بخشل باغي
عربيءَ ۾ چيو ويندو آهي، ته شاعر خُدا جا شاگرد آهن. اُن جو
مطلب اِهو ٿيو ته شاعر نئين دنيا جا ناهيندڙ فرد ٿيندا آهن.
منهنجي سامهون هن وقت نوجوان شاعر بخشل باغي جي
شاعريءَ جو ڪتاب ”سنڌو ديسُ مَهانُ“ آهي. ۽ حقيقت اِها آهي ته
بخشل باغي جي ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري سنڌ ۾ هڪ نئين
ڪائنات اَڏيندي، جيڪا خوبصورت ۽ خوشي ڏيندڙ هوندي. اهڙي
ڪائنات ٺاهڻ جا جذبا ۽ اُمنگون بخشل باغيءَ جي شاعريءَ ۾
موجود آهن. بخشل باغي سنڌ جي نجات لاءِ هلندڙ جدوجهد لاءِ
ڀرپور حصو ونڌي رهيو آهي. اُن جو ثبوت سندس شاعريءَ جو
مجموعو، ”سپنو سنڌو ديس جو“ آهي. اُن ڪري بخشل باغي جي
شاعريءَ تي اعتماد ۽ پيار ٻڌي وڃن ٿا.
عبدالواحد آريسر